
چنڊ ڳليون
شيخ اياز

چند گلیون

چنڊ ڳليون

(شاعري)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1995ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چورانوي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
پهريون ايڊيشن	آگسٽ 1995ع

قيمت -/90 رپيا

پڪي جلد سان -/115 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

CHAND GALYOON - (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh, Pakistan. First Edition August 1995. Price per Copy Rs. 90/-
Book No. 194

انتساب

هائني کان گھٽو اڳي، پنهنجي ڄائي جنم، ميٿلي ٻوليءَ جي شاعر وِديا پتيءَ جي ناليِ –

هو ١٣٥٢ع ۾ مَڌُو بن ۾ ڄايو هو، جنهن جي معنيٰ آهي "ماکيءَ جو جهنگ". اُتي انبن جا جُهنڊ، سارِين جا کيت، ڪمند جي پوک ۽ تلاوَ هوندا ها، جن ۾ پابوڙا ۽ ڪنول ڇانيل هوندا ها. اُتي بسنت ۾ وونئڻ رتول ڦوٽهڙي سان ٻوڪجي پوندا ها، سانجهيون ڪومل ۽ ڪوسيون هونديون هيون ۽ سومهياٽيءَ جو ماٺهو گهرن کان ٻاهر ٻُٽ ۾ سُمهندا ها. اونهاري ۾ گهنگھور گھٽائون ڇانئجي وينديون هيون. ڏينهنَ برکا سان ڪاراٽجي ويندا ها ۽ جتي ڇِتي اُس ڇِپَندي هئي. اُتي هماليا جي چوٽين مان آڪاس جون ريکائون نظر اينديون هيون. مون بہ پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ ۾ اهڙي مُند ماسَ ۾ گهاريو، جيتوڻيڪ اُتي وڏا پهاڙ ڪين ها.

هُن پيار جا امر گيت لکيا ها جن جِي اتهاس تي اَڻ مٽَ ڇاپ آهي. هن جون ناريون ڇيروِين اکين واريون هيون ۽ ايتريون نرم هيون جيتريون فاختائون ٿينديون آهن. هو وڄ وانگر وارڪا ڪائينديون هيون ۽ انهن جا مُنهن چندرمان وانگر سندر هوندا ها ۽ جيئن ڪنول اُس ۾ تڙي پوندو آهي، ائين اهي پيار ۾ تڙي

پونديون هيون. انهن جا وار رات وانگر ڪارا هوندا ها ۽ چڳون ولين وانگر هونديون هيون. انهن جو سياهُ ۽ هيءَ ساري سرشتي هنڪي ايترو موهيندي هئي، جو هُن پنهنجا سارا گيت اُنهن سان جهنجهي چڏيا ها ۽ انهن مان پيار مڏو ٻن جي ماکيءَ وانگر ٽپڪندو هو.

ساڳيو لنئون ۽ پريتڻو منهنجي لونءَ لونءَ ۾ سمايل آهي ۽ وهي ان کي ڪومائي يا جَهڪو ڪري نہ سگهي آهي ۽ ڪويل جڏهن ڪوڪندي آهي تہ ان جي ڪُوڪ مون ۾ ساڳي ڪيفيت پيدا ڪندي آهي جا وڏيا پتيءَ ۾ پيدا ڪندي هئي. ها، ٻنهي ۾ ڪوئي فرق نہ آهي: هُن پنهنجا مذر گيت ١٣٨٠ کان ١٤٠٦ تائين لکيا. جيتوڻيڪ ٥٠ ۽ ١٤٤٨ ۾ گذاري ويو پر ڏُنڌ ۾ هو مونکي پڇاڙي تائين گيت لکندي نظر اچي رهيو آهي. شايد هن جون ڪي سِٽون مون کي اجا ياد آهن ۽ اُهي جڏهن بہ مون لکيون آهن، مون کي هن جي سار آئي آهي ۽ جڏهن بہ مون پيار ڪيو آهي تہ مون کي هُن جا پيار ياد آيا آهن، خاص ڪري اُهي هَتَ جي، پيارا مُنهن ڪنول جي گُلن وانگر پنهنجي ٻُڪ ۾ جهلي، پنهنجي چپن جي ويجهو آڻيندا هئا.

- شيخ اياز

نومبر ١٩٩٢ع

مهاڳ

جنهن وقت مون ڪنهن بزرگ دانشور کي ٻڌايو تہ مون ’چنڊ ڳليون‘ جي نالي سان پوري ڪتاب ۾ ’ترائيل‘ لکيا آهن تہ هن جو ردِعمل توقع جي خلاف نہ هو ۽ هن پنهنجي ترقي پسندانہ انداز ۾ چيو:

”هائڪو تو تہ چڱا لکيا آهن، پر هونءَ هائڪو غيرسنڌي صنف آهي. ساڳيءَ ريت ترائيل بہ غلاميءَ جي نشاني آهي.“

مون هن کي ادب سان چيو:

”ترائيل تہ فرينچ شاعريءَ جي صنف آهي، اسين فرينچ قوم جا بہ غلام هياسين ڇا؟ فرينچ قوم جي حڪومت هندستان ۾ رڳو پانڊيچريءَ ۾ هئي. سنڌ تي ڪاهہ بہ پورچوگيزن ڪئي هئي ۽ نہ فرينچ قوم وارن. نہ وري اسان جپان جي غلاميءَ ۾ ڪڏهن رهيا آهيون. ٻي جنگِ عظيم ۾ هو برما تي قابض ها. جڏهن سباش چندربوس سندن ساٿي هو. پوءِ آسام ڏي امفال تائين وڌيا هئا. ناگاساڪيءَ ۽ هيروشيما جي تباهيءَ کان پوءِ جنگ بند ٿي وئي هئي.

هائڪوءَ يا ترائيل جو اسانجي غلاميءَ سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ڇا توهان کان وسري ويو آهي تہ ٽيپو سلطان نئپولين بونا

ڀارت کان هندستان جي آزاديءَ لاءِ مدد گهري هئي؟

ها، سانيٽ انگريزيءَ تان ورتي وئي ۽ انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ واري وقت کان وٺي اسان تي راڄ ڪيو هو. پوءِ به سنڌي شاعريءَ ۾ سانيٽ به لکي وئي آهي، جيتوڻيڪ اُها اڃا ڪامياب نه ٿي سگهي آهي. نظم ۽ آزاد نظم ته بلڪل انگريزيءَ ۽ ٻيءَ مغربي شاعريءَ جي صنف آهي. نظم جي اسلوب ۾ جيترا تجربا مون ڪيا آهن، اوترا دنيا جي ٻي ڪنهن به شاعر نه ڪيا آهن ۽ اُهي اڃا تائين سنڌي ادب مسترد نه ڪيا آهن.

ڇا توهان اهو به چئي سگهندا ته غزل فارسيءَ جي صنف آهي ۽ غلاميءَ جي نشاني آهي؟ غزل جو فارم ته فارسي غزل وارو آهي پر ڇا اسان اُن جو مزاج بدلائي نه ورتو آهي؟ هن وقت اهو نج سنڌي شاعري آهي."

اِهو ٻُڌي هن جي چپن تي مرڪ آئي، ڄڻ هِن ۾ غلطيءَ جي احساس جي ڏارِ وانگر ٿي لڳي. مون ڳالهه جاري رکندي چيو:

"ڇا بيت، هندي سورٺي تان نه ورتو ويو آهي؟ ڇا ڀنائيءَ وائيءَ جي صنف بُلا شاهه تان ورتي هئي؟ ڇا ڀهريائين شاهه حسين ڪافي پنجابيءَ ۾ چئي يا نانڪ يوسف ۽ خوش خير محمد سنڌيءَ ۾ چئي؟ ڇا دوها سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ اڳ لکيا ويا ها پوءِ اهي سنڌي صنفون ٿي ويون آهن. ڇا مون بيت ڪونه لکيا آهن؟

مون ايترا بيت ۽ سلوڪ لکيا آهن جو شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا سيئي بيت ۽ سلوڪ ڪٺا ڪندؤ تڏهن به تعداد منهنجي بيتن

جو انهن سيني جيترو هوندو.

دراصل سوال آهي تجربي جي ڪاميابيءَ جو. جي هائڪو، ترائيل، سانيٽ وغيره ۾ تجربو ڪامياب ٿيو ته اسان انهن کي سنڌي بڻائي سگهنداسين. اسان ترائيل جو فارم اردوءَ تان ورتو آهي. ڇا ان جو انگريزيءَ ۾ اُچار Troilet آهي ۽ مون کي اهو لفظ ڪنهن ڊڪشنري ۾ نظر نه آيو آهي ۽ نه ڪوليئرس انسائڪلوپيڊيا ۾. پر Reader's Digest Great Encyclopaed Vol.III Dictionary ۾ هيئن لکيل آهي:

Triolet:- Eight line poem with two rhymes (a b aaa b ab) in which the first line is repeated as lines 4 & 7, and second line is repeated as line 8.

مون ڪافي فرينچ ادب انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ترجمي جي ذريعي پڙهيو آهي. پو به مونکي اردو ترائيل جو ترنم پسند آيو آهي جو فرينچ يا انگريزيءَ ترائيل وانگر نه آهي. اُن جو فارم واقعي ساڳيو آهي پر ترنم ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. مون سنڌي شاونيت (ويڙهاڪ وطن پرستي - شاونزم) جي ڳري نڪته چيني (Diatribe) ايترا ڀيرا ڪئي آهي جو هاڻي اها ڪئي ڪو تعجب نٿو اچي. دراصل ادب جو سارو ورثو بين الاقوامي ورثو آهي. اُن جو قوم پرستيءَ سان واسطو نه آهي. پنهنجيءَ شيءِ سان پيار فطري آهي پر اُن جي ڪائي حد آهي. جي جيٺمل پرسرام گوئٽي جي فائوسٽ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي

ٿو ۽ تيرٿ وسنت شيڪسپيئر جي هئمليٽ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي ٿو تہ اسان مغربي ناٽڪ ۽ سانيٽ جو فارم بہ اپنائي سگهون ٿا.

انهيءَ مهربان دانشور کان جي مان پڇان ها تہ ڇا ابي سينا جو طب ڪافي آهي ۽ ائلوپٿيءَ جو مطالعو اجايو آهي تہ يقيناً جواب 'نہ' ڏئي ها ۽ نہ وري چئي ها تہ ائسٽرانامي‌ءَ کان علم جوتش چڱو آهي. دراصل هن جي طبيعت ۾ اهو تضاد قوم پرستيءَ ۽ تعقل پسنديءَ ۾ توازن جي غيرموجودگيءَ سبب آهي. هر پرائيءَ شيءَ کان پاڻ تي ايترو وڏو لوڙهو بہ نہ ڏجي، جو افق ئي نظرن کان اوجهل ٿي وڃي.

ترائيل جا تجربا اردو يا سنڌي ادب ۾ مان پهريون ڀيرو نہ ڪري رهيو آهيان، پر اردو ۽ سنڌي ترائيل رڳو

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن، ۽ غالباً مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن جي وزن تي جوڙيو ويو آهي. مون ان ۾ تجرباتي طور ٻيا وزن بہ پهريون ڀيرو ڪم آندا آهن ۽ گهاڙيٽن کي بہ ڪٿهن ڪٿهن ڦيرايو آهي. ڪَن رَس کي پسند اچي تہ قبول ڪيو وڃي ۽ جي نہ اچي تہ پلي رد ڪيو وڃي."

شيخ اياز
۱-۱۲-۹۳

تو نہ سوچيو آ ڪڏهن، موت تہ اِسرار نہ آ،
زندگيءَ ڪان وڌو اِسرار نہ آهي ڪوئي
چَندُ گل مهر مٿان عشق جو اقرارُ نہ آ
وقت درياهہ سهين، عشق جيان چار نہ آ
پَل مچين جيئن ٽا ٽِرڪن جي ڪوئي پيار نہ آ
عاشقيءَ ڪان وڌو اِسرار نہ آهي ڪوئي،
عاشقيءَ ڪان چڱو ڪو لوءَ ۾ تذڪارُ نہ آ،
تو نہ سوچيو آ ڪڏهن، موت تہ اسرار نہ آ.

رات جو پويون پهر، هيءَ ستارن ٻُڌتر،
پو ٻـ رابيل اڄي جان ڏني خوشبو تُنهنجي!
تي پوي ماڪَ ڳُلابن تي هوا مان هرَ هَر،
دل چَوي ٿي تـ مِلين ڪاش ڪٿي تُون ٻيهر،
تو ٻَوي وهم تـ تو آهـ ڏنو دستَڪ دَر!
تي اچي واءَ منجهان جَڙ ڀِني خوشبو تنهنجي!
تُون ٿڙي آنهـ ڪٿي؟ ڪيئن چوان مان؟ ها، پَر...
دل چوي ٿي تـ مِلين ڪاش ڪٿي تُون ٻيهَر!

تي وئي آ اُها زنجير، ڇني سگهندين تون؟
گل ڇني تو سگهين، خوشبو تہ اُتيئي آهي.
جا سندس وارَ ڇُهي، هيرَ ڇِني سگهندين تون؟
عشق کان عشق جي تقدير ڇني سگهندين تون؟
چنڊ کان يار جي تصويرَ ڇني سگهندين تون؟
جيءَ ۾ جي لڳو جادو تہ اُتيئي آهي،
هُو مٿي سمنڊ منجهان وِير، ڇني سگهندين تون؟
تي وئي آ اُها زنجير، ڇِني سگهندين تون؟

مون تہ تولاءِ وِڏيون، ڪالهہ نهارون ڪيئي
تون نہ آئين ءَ مگر رات تہ گذري ويئي!
ويو ٻُڌي چنڊُ، سنڌ ء سونهن جون سارون نيئِي،
ٿي پِرهہ - هير اچي هان نہ پيارون پيئِي،
اُڀ ۾ نيٺ وسامي ويا ٿيڙو ٿيئِي
رات هئي چار پَهر، رات تہ گذري وِئي،
مون ٿڏو ساهہ پَريو، توکي ميارون ڏيئي،
مون تہ تولاءِ وِڏيون، ڪالهہ نهارون ڪيئي.

رات بـــارات جيان آئـــي آ

اِئن لڳي ٿو اِجهو ڏولي پَهتِي
ڏُک جي ڏات جيـان آئـي آ،
گيتَ – برسات جيان آئي آ،
موتَ جي مات جيان آئي آ،
جيئن چشمو ڦُٽي ٻولِي پهتِي،
پيار جي جا ٻـ پرولي پهتِي،
چانـدنـي رات جيـان آئـي آ،
رات بـارات جيـان آئـي آ.

آهـ هـيِ پَنـڌُ ٻـ تـي ڏيـنـهـن تَتـيءَ واريءَ تـي
تِي چَوي جَڙ تہ ڪَڪَر-ڇانوَ تہ ”مان اڇٽي هان“
تـو ڪـري ٻـولِڙيـون روز تتِر تـاريءَ تـي،
آلهـيِ سڄّ وَيـو زرد - مُنـهـين مـاريءَ تـي
تـون ٻـڌو نـانـهـ اڃان، تَڳّ سـنـدم تـاريءَ تـي.
گـهـا تَ وَت بـيـهـ نـہ، مـان گـهـيـڙ سـمـورا ڄاڻـان
هـيءَ ٻـي ڳالـهـ تـہ اڄ ٻَگـهـہّ نـہ بـيـتـاريءَ تـي!
آه هـيِ پَنـڌُ ٻـ تـي ڏيـنـهـن رڳو وارِيءَ تـي.

جڏهن اچين تہ اڳيون ڪيسُ ويڙهي ايندو ڪَر!

اُنهيءَ جي برت ۾ ڪيئي وَنيون ٽِڙيُون آهن.

جڏهن اچين تہ اڳي جئن سڳند ڏيندو ڪَر!

گُلابَ ڪالهہ جيان چاهہ مان چميندو ڪر!

اڳي جيان نہ ڳُجهيون ڳالهڙيون سَليندو ڪر!

گهِٽيون لڪاءِ، جتي ڪيتريون ٽِڙيون آهن!

پَلي تہ بَندِ هجن،گهر مگر سَڏيندو ڪر!

جڏهن اچين تہ اڳيون ڪيس ويڙهي ايندو ڪر!

اِئن لڳو ڄڻ تہ صدين جي ڪا ڪَهاڻي آئي،
گُلِ شَبّوءَ ڪي جڏهن تو مُڪو مون ڏانهن چُمِي،
اِئن لڳو ڄڻ تہ ڪا مهڪار پُراڻي آئي،
سالها سال اڳي جوتِ اُجهاڻي آئي،
پيار جي رات ڪَنول جيئن ڪُماڻي آئي
مون ڏنيون چنڊ ڳِليون تُنهنجي تمنا ۾ گهُمِي،
جئن وَتو نانءُ سندءِ ڪائي وَراڻي آئي.
گُلِ شَبّوءَ ڪي جڏهن تو مُڪو مون ڏانهن چُمِي.

چانـدنـي رات ۾ ڪـچنـار ڏنـي آهـي تـو؟
تُنهنجا چَپ يادِ اچن تا اُنهيءَ وانگر هاڻي!
چا سندمر ننڊ ڪَڏهن، پيارَ، ڏني آهي تو؟
تـي رهـين سـاهـَ جيـان، سـارَ ڏنـي آهـي تـو؟
راتِ جي سـانـت ۾ وڻـڪـارَ ڏنـي آهـي تـو؟
ڪيئن گهرگهاتُ چڙي، تي پُلين منهنجي پاڻي
پـاڻ ڪـان راتِ ڪـڏهـن ڏارَ ڏنـي آهـي تـو؟
چانـدنـيءَ رات ۾ ڪـچنـار ڏنـي آهـي تـو؟

اي پرين! تو نہ سوچي ڏٺو نياڻَ ۾
چنڊ توکي ڏٺو آرسيءَ وانگيان!
ايتري روشني آنهہ تون پاڻَ ۾
مون وِسائِي بَتي پاڪُرين پاڻَ ۾،
ڪيئن نہ جَرڪين پئي پيار جي چاڻَ ۾،
جڻ تہ رابيل جي تازگيءَ وانگيان!
تون هُئينءَ چؤطرف چاندنيءَ وانگيان!
*اي پرين! تو نہ سوچي ڏٺو نياڻَ ۾.

ٻارَ ڪي هَنجِ ڪٽي، ماءُ ڪِلي تي پيئي
جئن ڪَڪَر وِچّ چُمي، ايئن چُمي تِي تنهن ڪي
مورٽيءَ جيئن اڳڻ منجهہ تِلي تِي پيئِي
سِڪّ سان ڪيئن نہ سَرتين سان ملي تي پيئي
مُڱ ڦَليون ٻارُرڪي، پوءِ چِلي تِي پيئي
جڻ اِجهو ٿج ٻٽيون، ٿج ڏئي تي جنهن ڪي
رت تَنهنجي ۾ سندس رتّ رِلي تي پيئي،
ٻار ڪي هَنجِ ڪٽي، ماءُ ڪِلي تي پيئي.

سينڌ سُرمي ڪانسوا سونهن نہ وٽندي آ ڇا؟
سينڌ سُرمي ڪانسوا ڇو نہ اچين تي مون ڏي
سَرسُ سينگار بنا باتِ نہ بڻندي آ ڇا؟
چانڊني چَنڊَ منجهان ايئن نہ ڇڻندي آ ڇا؟
وَلِّ ڇاتيءَ تي رڳو ڳُلّ نہ ڪڻندي آ ڇا؟
واءُ ۾ ولِّ جيان ڇو نہ جُهڪين تي مون ڏي؟
سينڌ سُرمي ڪانسواءِ سونهن نہ وٽندي آ ڇا
سينڌ سُرمي ڪانسواءِ ڇو نہ اچين تي مون ڏي؟

تون پِنيون پيار منجهان مونکي پسائين پيئي
جئن گهگي - گهيرَ اُڏائي تو پيو واچوڙو.
ڇَندَ کي ايئَن ڏِسي چا نہ لَجائين پيئي!
وارَ چوڙي تون گهتائن سان گهتائين پيئي!
وِڄُ گجگوڙ کيا، تون چُني چائين پيئي
ريتِ جا دير اُڏائي تو پيو واچوڙو،
* پو بہ ٻَهڙو نہ ڪِريو، ڪيئن بچائين پيئي؟
تون پِنيون پيار منجهان مونکي پسائين پيئي.

---

* ٻَهڙو: هڪبئي مٿان رکيل گهڙو.

تـــي ڪنــوَڻ ڪَنــج ڏنـا، رات ونــو هــو ســانــوَڻ
جيـڏن چوُنري مان نِهاريو تي گـهـٽائن ڏي تـو!
تـو طـرف ئِي تـو ڏسـي بـاک جو ســائـو وَڻ ٽَڻُ!
تـا ڪَـڪَر سات ُ ڏِين، جيـئَن پَـئـي هَـڪـلِـين ڏَڻ!
۽ وَلـيُون واجهـ وِجهن ايـئن، وِجهي جِئَن واهـڻ!
ڳاتَ ڳِيـرن جا ڏسـي، تـي ڏنــو پـائُن ڏي تــو،
تـو گـهـٽـا بـار ڏنـا ڪَـنـڌَ، ڪُـهـاڙيـون، هَڻُ هَڻُ!
* تـي ڪِنـوڻ ڪَنـج ڏنـا، رات وُنــو هــو ســانــوڻ!

---

* ڪَنج: عاج جي ٻانهين.

اُداس راتِ، پيو چَنڊُ ٿو ڳِليون ڳولي
خبر نہ آھہ تہ ڪيڏانھن تون ھلي وئي آن!
پئي سَراءِ اڱڻ ۾ گُلاب ڪي قولي،
سُڳنڌ جيئن وَئي آنھہ ڪنھن تہ تون ٿولي!
پَکي پِرھہَ جو جڏھن بولَ ٿو پيو بولي،
ٻُڌي تون بولڙيون، ڇو اِئين ڇُپي وئي آن؟
خبر نہ آ تہ سنڌءِ رازَ ٿو پيو کولي!
خبر نہ آھہ تہ ڪيڏانھن تون ھلي وئي آن؟

هتي تہ ساهہ مُنجهي ٿو، ڪٿهن تہ پنتي موٽُ!
ڪٿهن تہ آءُ ٿڌيءَ هِير وانگيان مون ڏانهن!
هِتي تہ پَنّ بہ لوڏي نہ ٿو پيو اڪروٽُ،
پهاڙ-پَندُ اڪت ٿو لڳي، پَري آ ڪوٽُ!
وڏيِ اُسات وَئِي، جَڙ تہ آ ڪَليءَ ۾ ڪوٽُ!
ڪٿهن تہ آءُ نديءَ نِير وانگيان مون ڏانهن!
متان وَري نہ مِلي هيئن توکي گهوڙي گهوٽُ
ڪٿهن تہ آءُ ٿڌيءَ هير وانگيان مون ڏانهن.

ڪڏهن تہ آءُ چُمي ڏينم چانڊنيءَ وانگر.
ڪڏهن تہ آءُ هَٽي رات جي هتان ڪارنهن!
رهي نہ موتُ، ڪڏهن آءُ زندگيءَ وانگر،
شرابِ ناب بڻي آءُ سَر خوشيءَ وانگر
اِئين نہ آءُ رڳو ڪينہ پروريءَ وانگر
اچِي ٻُڌاءِ تہ سازش اِها سِٽي آ ڪنهن؟
ڪَڏهن تہ پير پري آءُ دوستيءَ وانگر
ڪڏهن تہ آءُ چُمي ڏينم چانڊنيءَ وانگر.

لڳي ٿو ڪُوهـ ۾ پاڻي وَڏي ويو آهي
جڏهن بہ چيلهہ مٿان تون گهڙو کڻي نڪتينءَ.
گهلي ٿي هِير ائين جڻ ڪِني وُنو آهي
ڪَڪَر ڳجن پيا جِئن تو چڏيو ڳِلو آهي
اجا تہ چُپِّ ڪِٿي سِجّ جهانجهرو آهي
جِهمي پيو جُهڙ تون جڏهن سَکِي نڪتينءَ،
اِجهو هُو ڪوهہ، هِتان پنڌُ ٿورڙو آهي!
لڳي ٿو ڪوهہ ۾ پاڻي وَڏي ويو آهي.

نہ هيئَن شعر لئو مينهن جيئن اڳُ ڪنهن تي،
مدام نانهہ حياتي اجا لکي وٺ ڪجهہ
ملي ويو نہ ڪڏهن آهہ هيئَن دڳُ ڪنهن کي
اُجارَ هيِئن تہ وِرلي ڏئي تو جڳُ ڪنهن کي
سَليو نہ سونهن اکينِ آهہ سارو سَڳُ ڪنهن کي
اجان بہ جيءَ ۾ جهاتي، اجا لکي وٺ ڪجهہ!
ڪيو نہ موت ڪڏهن اِئن اَڳُ مَڳ ڪنهن کي
نہ هيئن شعر لئو مينهن جيئن اڳ ڪنهن تي

خبر نہ آھہ گھڻا مئڪدا ڳُڻائيندين!
بہ چار جام اجا پيءُ، نيت ھلڻو آ.
ڏسان پيو تہ صراحيون اجا بہ پيئيندين،
اھا اُسات نہ چاڻا ڪڏھن ٻُجھائيندين
پتو نہ آھہ تہ مدھوش تون ڪڏھن ٿيندين!
بہ چار ڏينھن پَلي جيءُ، نيت ھلڻو آ،
رڳو خمار اِھي پاڻ سان ڪٺي ويندين.
خبر نہ آھہ گھڻا مئڪدا ڪُڻائيندين!

سرنهن جي چانو ۾ ويهي رهو ٻه چار گهڙيون
اجان تہ پنڌ پري آ مسافرو پنهنجو!
رُڪاوٽون تہ هيون راهہ ۾ هزار ڪڙيون،
هَلِيہءَ تي تيز سُوارو هٽي، اَڙين تي اَڙيون،
ڪُٽن ڪِتي اِهي تقدير جون ڪڙين تي ڪڙيون!
ڪٿي نہ آهہ اجا پنڌ چو پُنو پنهنجو؟
پَريان سڏِين پَيون چڻ ڪٿان رڙين تي رڙيون!
سرنهن جي چانو ۾ ويهي رهو ٻه چار گهڙيون.

ٽُٽي ويون تہ ڇُٽيون، ميڙ تون پَلي شيشا،
دليون نہ جوڙ، دليون آئيني جيان آهن
ڏني نہ تاڪَئين دل جيئن ڪنهن بہ شيءِ ٻي ڪا!
اڳي بہ آهہ ٽُٽي، عشق تي ويو ٽڪرا،
سنيال! هيل بہ نازڪ آتي اِهي رشتا،
ٽٽي پيا تہ وَيا، جام وانگيان آهن.
ڦُڙيون ڦُڙيون نہ ڪَنيون ڪَر اِهي نہ ٻيا پيالا!
ٽُٽي ويون تہ ڇٽيون، ميڙ تون پلي شيشا.

ملين تہ اڄ ٿي ملي وڃ، سُڀان هُجان نہ هُجان!
خبر نہ آهہ، گهڻا ڏينهن زندگي آهي!
سڀاڻي سچ نہ نڪري متان گهٽائن مان.
سڀاڻي نهڪ نہ ٻڌجن متان فضائن مان.
سڀاڻي مهڪ نہ ايندي اِئين هوائن مان.
اڃين تہ راهہ ۾ رابيل اڄ ٽڙي آهي.
وري سڳند اِئين پي اچي ڪٿهن نہ متان!
ملين تہ اڄ ٿي ملي وڃ، سُڀان هُجان نہ هُجان!

پتو پيو تہ سياست فريب هُئي يارو!
پتو پيو تہ فقط شاعري چڱي آهي.
پتو پيو تہ اهو خواب ئي هُيو سارو،
هُيو نہ رات منجهان ڪو بہ چَنڊَ جو چارو،
اِئين لڳو تہ ڪيم موت کي ڳچيءَ ڳارو،
جِتي بہ، جيئن بہ آ، زندگي چڱي آهي،
اِئين بہ ناهہ تہ هر چيز آ ڪِڪيءَ ڪارو،
پتو پيو تہ سياست فريب هُئي يارو!

اجا تہ ننڊ منجھان تي ڏري اُٿي ڏارو،
اجا تہ جَنڊُ پيو پيسجي اڳي وانگر!
اجا عوام اڃا جِيئن آهہ ويچارو،
اجا تہ ٻاک ڦُٽي نانھہ اي وطن وارو!
ٻُڌي ويو آ وَري تيرگيءَ ۾ تارو،
اجا تہ هانءُ پيو هيسجي اڳي وانگر
اجا نصيب مٿان آهہ ڪو ڪڪر ڪارو!
اجا تہ ننڊ منجھان تِي ڏري اُٿي ڏارو!

اجا تہ سمهہ، خدائي سُتي پئي آهي
اجا تہ چَنڊ پيو آسمان مان گهوري!
جتي بہ پنڌ ۾ تنهنجي جُتي پئي آهي،
اُتي لڳي ٿو اجا تائين روشني آهي،
خبر نہ آهہ نئين وات کا نهي آهي!
پَيو اجا هُو زمان و مڪان مان گهُوري،
اجا نہ آهہ ڪُٿي، زندگي ٻَئي آهي،
اجا تہ سُمهہ، خدائي سُتي پئي آهي.

خدا پيو تو سجيءَ ڪائنات مان گهوري
خدا جي ذاتَ ۾ جيڪي ڪَرين، چڱو آهي
ائين بہ نانهہ تہ هرڪو سُتو اکيون پُوري،
اکيون ڪِروڙَ اَتي آسمان جي ڪوري،
خدا پيو توکي ذات و صفات مان گهوري
اجا بہ چُوند، جي پُٽ تي وَرين، چڱو آهي
جئين تو چنڊ ڏِسي هيٺ رات مان گهوري
خدا پيو تو سجيءَ ڪائنات مان گهوري.

خدا جي ڳُجهه ۾ ڇا لاءِ تـــــو پوَڻ چاهـــــين؟

خدا جو ڳُجهــ پــلا ڪــنــهــن اجا لــڌو آهـــي!

نــچي تــو مــور اُهــو ڇو نـــ تــو ڏســڻ چاهــين؟

ڪَڪَر جي ڪورَ تـ ڏِس، تون تـ سا نـ ٿو ناهين!

وَلـيون پـٽُن تي ٽِڙن ڪـيئن تيون، جي ساچاهين!

اِهــو بـــ رازُ وســيـــهِر ڪــٿــي لِڪــو آهـــي،

ڇگُو تـــ آهـ اِئين ڪـاهـ جئَـن پـيـو ڪـاهـين!

خُدا جي ڳُجهـــــ ۾ ڇا لاءِ تــــو پوَڻ چاهـــــين؟

ڪِناري ساڻُ اُجهاڙل ٻہ جهوپڙيون آهن
اُداس چنڊ تري تو اُداس مَنچر ۾!
اِئين اُداسُ اُجهاڙل سندم اکيون آهن
صديون ٿيون تہ نہ ٻيڙائتون ڏٺيون آهن،
ڪَتين ڏِيا ٿيون هوا ۾ اُجهامٽيون آهن،
اُنهن جا هاڻِ جَهڪا عڪس تا لڳن جَر ۾
خبر نہ آهہ تہ آڙيُون ڪٿي لَٿيون آهن،
ڪِناري ساڻ اُجهاڙل ٻہ جهوپڙيون آهن.

پرهہ جي هِير ۾ رابيل جئن ٽِڙن ٽا پيا
ائين لڳي ٿو جوانيءَ ۾ ٿون ٽِڙي آهين!
وهن ٿيون ڪنگريون، ڪوهہ جڻ ڳِڙن ٽا پيا،
سنڌ ِ وجود مان نغما اِئين ڇِڙن ٽا پيا،
اجان گلاب کِڙن ٽا پوَنر مڙن ٽا پيا
بہ پل تہ ويهہ، اِئين ڇو اُتامڙي آهين؟
پياڪ سُونهن ڏسي، ڪيترو ٽِڙن ٽا پيا!
پرهہ جي هِير ۾ رابيل جئن ٽڙن ٽا پيا!

هو فونِ ـ تارَ مٿان ڪيترا پکي آهن
اُهي پيام ته چاڻن وٽن پيا تا جي!
اِهي سَتاوَ اندر هونءَ گيتَ ئي آهن،
مَري وٽن ته ڪِري تا پَون مِٿي آهن
نه ٿي گهڙيون نه هوا منجهه ڦَڙڪِٽي آهي،
خبر نه آهه ته چاهِن مَرن پيا تا جَي!
لٿي آ شام اُتي ئي اجان سکي آهن.
هو فونِ ـ نارَ مٿان ڪبترا پکي آهن!

ڇا سبب اِئن تو جواني ڏئي، موٽائي وَتيءَ؟
ڇا سبب ايئن اڇي تو نہ وري آئين آن؟
مون نہ ڄاتو هو تہ ٿيندي آ اُڪنڊَ ايئن اَتي
تي اَڇين جيءَ ۾ جگنوءَ جِي جئين چَنڊَ ٻتي
پيارَ جي سارَ اِئين آهہ جِئين مَڌُ مَتي،
روح ۾ اِيئن رچي تون نہ وَري آئي آن
جئن ڪڪر ڇانوَ ڏِين، جيئن اڇي مُند ڪَتي!
ڇا سبب اِئن تو جواني ڏِئي موٽائي وَتي.

ڪيئن چئجي اسان ٻيهار ملون يا نہ مِلون!
ڪيئن چئجي تہ مُلاقات وَري ٿِي ويندي!
وقت درياهہ، تَري تارِ، ملون يا نہ مِلون!
آنءُ هِن پارِ، تون هُن پار، مِلون يا نہ مِلون!
ڪيئن چئجي تہ گهڙيون چارِ مِلون يا نہ مِلون!
ڪيئن چئجي تہ برهہ-بات وَري ٿي ويندي!
آه اوچي اچا ديوارِ، مِلون يا نہ مِلون!
ڪيئن چئجي اسان ٻيهار مِلون پا نہ ملون!

رات جو ريت ڪي جنهن وقت اُڏائي ٿي هوا،
ٿا سنڌ روپ جيان چنڊ سِتارا ٿمڪن.
تو بِنا نيرَ جيان چِڙ پئي گهائي ٿِي هَوا
تُنهنجي خوشبوءَ ۾ سجي رات سمائي ٿِي هَوا
تُنهنجا رابيل پَتي چِڙ تہ پَسائي ٿي هَوا،
گَڏُ پَل جي بہ گُذاريا ٿا اُهي رم جهم ڪَن
ٿي اچي سارَ سَندءِ، روز سَتائي ٿي هوا
رات جو ريت ڪي جنهن وقت اُڏائي ٿي هوا.

ڏات تـوکـي نـہ ڏنـي آهـ خُدا، مـان ڇا کـيـان!
چَنڊُ ڪشتي نہ جَهليندءِ، تون پلي سَڏ اُن کي!
ڪـو پـيـام آنـدو نـہ تـولاءِ صَبا، مـان ڇا کـيـان!
گُل سبي نانهہ اگر تنهنجي قِبا، مان ڇا کيان!
نـہ شـفـق ئي ڏنـي تـولاءِ صـدا، مـان ڇا کـيـان!
نـہ اُهـا گُل پَـنـي ڏيـنـدءِ، تـون پـلـي سـڏ اُن کـي!
شـعـر مـون لاءِ اگـر پـاڙَ چـڻـيـا، مـان ڇا کـيـان!
ڏات تـوکـي نـہ ڏِنـي آهـ خدا، مـان ڇا کـيـان!

تو ڪَنا ڪوڏَ ڪَنڌيءَ تي جي ڪَيا، ڇا تي پيو!
تون بہ شاعر آن مگر شعر تہ ٻي شيءِ آهي.
ڪوڏَ ۾ سَمنڊ جو آواز ٻُڌو آهي تو؟
شعر ڪھڙو جي منجھس سَمنڊُ نہ سارو ڇُلڪيو!
شعر تولاءِ اِئين آهہ جِئين رانديڪو،
سَمنڊَ ۾ ڳُتّ نہ ڏيندين تون اهو طئي آهي،
تون رڳو ٻارَ جيان رانڊِ رچائين وينو،
تو ڪَنا ڪوڏَ ڪنڌيءَ تي جي ڪَيا، ڇا تي پيو!

گُل سَرءُ واءُ ۾ ڪنهن وقت ڇَڻي ويٺو آ،
آءُ سُرهاڻ کي پَڪڙيون، تون ڇڏي ڏي گُل کي!
گُل گهڙيون چارِ، هوا مَنجهہ لُڏي ويٺو آ،
هو اُترڙي ۾ پرين پار هلي ويٺو آ.
ڇا تون سمجهين ٿو تہ هو توکان ڀُڄي ويٺو آ؟
شعر ۾ تون رکين سُرهاڻ کي جيڪر ساندي!
هُن جيان شعر تہ تُنهنجو نہ مَري ويٺو آ،
گُل سَرءُ واءُ ۾ ڪنهن وقت ڇَڻي ويٺو آ.

زندگي چٽنگ جيان نيٺ وسامي ويندي.
چٽنگ جي لاءِ جياپو تہ گهڙي پَل آهي!
هوءَ ستارو تہ نہ آ جو سدا جهل مل ٿيندي!
سچّ جئن نانهہ، گهٽو وقت حرارت ڏيندي؟
ڪڙ ڪبيتي جان اُجهامي، وري اُبري ايندي،
جاڻ ان جي بہ اجا تائين نہ ڪنهن کي ناهي!
پر مجي دل تہ نہ ٿي بس اِئين ڪامي ويندي!
زندگي چٽنگ جيان نيٺ وسامي ويندي!

چَنڊ! رابيل پري ر ت نہ رهڻي آهي.
چو نہ چاتوم تہ ڪنهن وقت جواني ويندي!
چا ڪندو هيءُ ڇپر چانوَ تہ لهڻي آهي،
چو نہ پاتوم ندي ڪيترو ڪَهڻي آهي!
نيٺ هي ناوَ ڪڏهن پارِ اُسهڻي آهي،
چو نہ تاتيوم تہ ڪيڏانهن رواني ويندي؟
ڪيترو سانت پَريان سَمنڊَ - سُمهڻي آهي!
چَنڊَ! رابيل پري رات نہ رهڻي آهي.

چنڊ جي ڪَڏهن نه ٻؤ، چنڊ نه ڪنهنجو ٿيندو،
ڪو مسافر نه ڪَرين يارُ ته بهتر آهي.
گُل نه پٽجانءِ ڪڏهن، ڇڏ پيو خوشبو ڏيندو!
ڪوڙڪيون آڏِ نه، ڇڏي ڏينس، تِترُ پوليندو،
ڪيئن ڇئجي ته ڪٿي مينهُن گهٽائون ٿيندو،
مون ڪَنان جي نه ٻڇين يارُ ته بهتر آهي؛
ڪيئن ڇئجي ته اڱيان ڇاهي، اڱيان ڇا ايندو!
چنڊ جي ڪَڏهن نه ٻؤ، چنڊُ نه ڪنهنجو ٿيندو.

مور گهنگهور گهٽائن کان جدا ٿيو آهي؟
تون متان سمجهين ته مون کان تون وَئي آن وسري!
رقص هن جو نه صدائن کان جدا ٿيو آهي،
عشق ڪنهن وقت وفائن کان جدا ٿيو آهي؟
جئن ٻَسيرو نه سَرائن کان جدا ٿيو آهي
سارَ تُنهنجي کان سوا نانهه گهَڙي ڪا گذري،
ڪوئي گذريءَ جي غفائن کان جدا ٿيو آهي؟
مور گهنگهور گهٽائن کان جدا ٿيو آهي؟

جي وِساريان بہ تہ وسرن نہ تيون تنهنجون باتيون
ڪيترا سال ڪيون روح - رهاڻيون تو سان!
تون هئينءَ ڪير؟ اکيون چو هيون تو لئہ آتيون؟
جيئن گُل مهر مٿان چنڊَ وِڏيون ٿي جهاتيون،
اِيئن تو ساڻ گذاريون مون چُميندي راتيون،
راهہ تي چانہ چِٽيون چاندنيون ماٺيون تو سان!
تيون اچن ياد ڪئي باکَ - پِنيون برساتيون،
جي وِساريان بہ تہ وِسرن نہ تيون تنهنجون باتيون.

ڪلهہ چڊي چَنگَ چڙا آنءُ ڏنو تي توکي،
تون جدا نانهہ مِلان يا نہ مِلان مان توسان!
ڪا خبر ناهہ تہ ڇا چَنڊَ چيو تي توکي!
هيءُ ڄاڻان تہ وَري سِيرَ سڏيو تي توکي،
هي بہ ڄاڻان تہ پِرينءَ پار ڇڪيو تي توکي؛
مون ٻُڌا سَڏَ، ٻڌان يا نہ ٻُڌان مان توسان؟
تون ٻُڌي وئينءَ تہ رڳو چنڊَ ڇميو تي توکي
ڪلهہ چڊي چَنگَ چڙا آنءُ ڏنو تي توکي.

ڳڙَ چرڪن تا تہ هي ننڊَ نهوڙي نينڊي،
چَنڊُ جنهن وقت پهاڙن تي وجهي ٿو پاچو.
ننڊَ درياهہ، اَچي ويٺي تہ ٻوڙي ويندي
رات جي آرسي تونڙي ڪاٺي گولي ايندي
جي سڄو وقت پَئي جاڳَ چلانگُون ڏيندي
پو شڪارين جو مَٿانئس نہ ڪو پوندو پاڇو
ڪنهن ڇيو آهہ تہ آ ننڊ ندوري ٿيندي؟
ڳڙَ چرڪن تا تہ هي ننڊَ نهوڙي نينڊي.

هي سَرءُ واءُ وکيڙي تي ڪَڪا پَن ڪيڏا!
گُل ڇَڻي ويا تہ نظر ڪونہ اچن ٽا پوپٽ.
ڪالهہ خوشبوءِ ۾ پيا رنگَ اُڏامن ڪيڏا!
ڪالهہ ساوَڻ هُيو، ساونڻ ٽيا بَن ڪيڏا!
تو نَوان نينهن ڪَيا، ڪالهہ ڪَڏي مَن ڪيڏا!
اڄ نديءَ نانهہ رَواني، نہ اُهي گهيڙَ نہ گهٽ!
ڪالهہ جَٺن چَپّ چُمي، مُنهن ٽياوَن ون ڪيڏا!
هي سَرءُ واءُ وکيڙي تي ڪَڪا پَن ڪيڏا!

هر مَسرَت کان اِئين دُور رهان مان ڪيسين؟
چنڊ نڌيءِ ۾ رهي، دوُر رهي جئن اُنَ کان!
هر محبَت جا رڳو درد سَهان مان ڪيسين؟
نه ڪنهن لڪ ڪٿي، نيٺ ڪهان مان ڪيسين؟
هر نيڻان جي وهايان ته اجان مان ڪيسين؟
چنڊ جا لڙڪ نه ڏس، ڪٿي نه وَهن تا اُن مان
اُن ۾ آهيان نه سهين، پو به نه هان مان ڪيسين؟
هر مسرت کان اِئين دور رهان مان ڪيسين؟

زندگي رات جيان نيٺ وِهامي ويندي
خواب ۾ خواب هُئي جڻ تہ محبّت تُنهنجي.
صبح جو پَهر رهِي ماڪ اُڏامي ويندي
سِج-لالاڻ انڌيري ۾ اُجهامي ويندي،
ظاهري ايئن لڳو شمع وسامي ويندي
تا اَبد آهہ اِهو رنج نہ راحت تُنهنجي،
پَؤ نہ ڪر، ڇو تہ اِها وَٺ نہ ڪامي ويندي
زندگي راتِ جيان نيٺ وهامي ويندي.

تـو بِنـان نـيڻَ - چُـئـاڪَن ڪـي سِتـارا تـا چُمَن

تو بنـان وائرو ٿـڦـڪيون ٿو ڏئي جَڙ ڳل ڪي!

مَن بـہ تـو لاءِ ٿـو تـانـگهي، نـہ اَچي چـئـن هَٿَن،

تـون اچين جي تـہ املتاسَ خوشـيءَ ۾ جهومَن،

۽ پـنـيـرڪـي جي پـنـيءَ ماڪ ۾ رابـيـل ٽِڙَن،

ٿـي چَوي جَڙ تـہ پـرَهـ - هـيِر ٿَڌا سـاهـ پَري

”اج پـريـن پـيـر پَري، شالَ ڪـري پال اچن!“

تـو بِـنـان نـيـڻَ - چُـئـاڪَن ڪـي ستـ [illegible] چمَن.

دل چوي ٿي تہ ڪڏهن واءُ وري وَرٽو آ

دل چوي ٿي تہ سدا ماٺيو مرٽو ناهي،
دل چوي ٿي تہ وَري هيءُ سفر ڪرٽو آ

۽ اُنهيءَ لاءِ ڪَليتو بہ وَري پَرٽو آ،
يا رَمِي راهہَ، ڪٿي دڳ مَٿي مرٽو آ؟
جو لکيو آهہ اُهو ڪيئن بہ ٽرٽو ناهي،
پل هجن جيترا هاتارَ، نہ پَر ڏَرٽو آ
دل چوي ٿي تہ ڪڏهن واءُ وري وَرٽو آ.

تون اڃين جي تہ سندم ٻانهون ٽڙي ٽاريون ڪَن
تو ٻنان آءُ لڳان سِيءَ ۾ ٽوهر وانگر،
تو ٻنان چَنڊَ منجهان چِيرَ، ٽِڪيون آريون ڪَن:
هي پره هير، پَنوهاريون ٿيون پيون ساريون ڪَن،
جئن جُهڪن ٿيون تہ گهگهن منجهہ پيون ڏاريون ڪَن!
۽ اُٿن ٿيون تہ ڪَڪَر-ڪورَ سندن ڪَر وانگر!
ٿيون جُهڙالين ۾ جِئين، ياد پيون ياريون ڪَن
تون اَڃين جي تہ سندم ٻانهون ٽِڙي ٽاريون ڪَن.

ڪا خبر ناهه تہ ڪنهن وقت چَوي موتُ تہ ”هلُ“
ڪا خبر ناهہ تہ ڪنهن وقت سواري آڻي!
ها، اها چاڙَ اٿم، موت سفر آهہ اٽل،
دور لوڙهي ٿي وڃي ڪا ئي اَچي لهر اجَهلُ،
آ غنيمت تہ حياتيءَ کي مليو آ ٻيو پلُ،
ڪوڙڪي، ڪيرُ چَوي، ڪيئن تو ماري آڻي!
تيستائين تہ ڏئي چالَ پِٽُن پالَ نہ پُلُ!
ڪا خبر ناهه تہ ڪنهن وقت چَوي موتُ تہ ”هَلُ“

تون اڄين ٿي تہ سندم ڇڏن ڪسين ٿي مون ڪان!
تون وٺي آنهہ تہ موتي نہ وري تون اڄجانءِ!
تو سوا گُل تہ أئين ئي آ گلابي تو جان!
تون نہ ائن پانءِ تہ خوشبو بہ هلي وٺي تو سان!
مور جا ڪنب ڪڙن اڄ بہ پيا پَل پَل مان،
زندگي قوس قزح آهہ. نہ بيهر نچجانءِ!
تون تہ هڪ رنگ هُئين، سنگ هُئين جان جانان،
تون اڄين ٿي تہ سندم ڇڏن ڪسين ٿي مون ڪان!

واءَ ۾ گُل ڇڻي درياد ۾ ترندو ويندو.
[illegible] جوندو ته ڪڏهن هُو به هيو تاريءَ ۾؟
[illegible] جهڙو گيت پيو سير ۾ پَرندو ويندو،
شام ٿيندي، ته شفق ڏانهن اُڪرندو ويندو،
رات ٿيندي ته ستارن ڏي اُڏرندو ويندو
ڇڻنگ انڪي نه پئي رات ڪڏهن ڪاريءَ ۾؛
چنڊ سان پو به سندس ساٿ وسرندو ويندو.
واءَ ۾ گُل ڇڻي دراه ۾ ترندو ويندو.

چامر شوري جي هوائن ۾ تون،
هِي نما شام، نديءَ ۾ سورج!
چڻ تہ گُل مَهَر فضائن ۾ تون!
سَروَ جهوميا تہ ادائن ۾ تون،
۽ پَرندن جي صدائن ۾ تون!
هي اَملتاس جِيان توتي گَج!
چو ڃپي آنهہ گهٽائن ۾ تون؟
چامر شوري جي هوائن ۾ تون.

راتِ جو رند خِرابات ۾ جُهومَن بيِنا.
جامَ تي جامُ پِري ڏين پِيا هر ڪنهن کي.
رات گُذري وَئي، پريات سان اُيرن بينا
سجَ کي اڄ اوٽ وِجهي، جَامَ اُيا کَن بينا
تا جُهڪي هيٺ ڏِسن. وَڻ ٻه پِياڪَن بينا،
هي وِلايت نه ملي نانهه اڳي جَنهن تَنهن کي
پَلَ ۾ جڙ تہ صدين مان اُهي گُذرن بينا!
راتِ جو رِند خرابات ۾ جُهومن بينا.

زندگي غور سان ڏسجي تہ رڳو خواب آهي.
خواب سچو ٿو لڳي، ساري حقيقت ڪُوڙي!
اِئـن روان آهـ جنـين آبَ ۾ مـهـتـاب آهـي!
تـو فـسـانـو نـہ ڪَـٽـي بـاب پـنـيـان بـاب آهـي!
سِج آ سـج پـنـيـان، تـاب مـٿـان تـاب آهـي!
ٿـورڙو سـوچ تـہ آ سـارِي حرارت ڪُوڙي!
مـوت ڪـان پـوءِ سـچـو تـاب بـہ نـايـاب آهـي،
زنـدگي غور سان ڏِسجي تہ رڳو خواب آهي.

آءٌ دارا سان ملاقات ڪٿي ٿي ويندي!
آءٌ ماضيءَ ۾ ڦري آءُ ٻه ٽي ڏينهن ڪَڏهن!
ڇا ٻَسايانءِ اُهو ڪَنڌُ ڪپيو آهي ڪَنهن؟
موتَ کي تخت ڀُنيان ڪنهن ٻه ڏٺو ناهه جڏهن،
ٿو ڪَريِ ڪيسَ، سَتائيس ستم ٿو نہ تڏهن،
موت ايندو تہ عَيان باتِ ڪڏهن ٿي ويندي،
آءُ دارا سان ملاقات ڪڏهن ٿي ويندي.

اي ميـــان! ڏاتِ خرابـات مــٿـان واري چڏ!
تون سَٿو اِئين ڪٽين، جيئن ڪٽي ڪو ساغر!
اي ميان! اهلِ سياست ڪي پريان ٽاري ڇَڏ!
ڏاتِ سان دين مذاهب ٻــ سَيئي ڏاري ڇڏ!
ســاهــَ ۾ سَپَّ اتــي، ڳولِ اُهــي مــاري ڇَڏ!
تون ڪَٿو اِيئن ڪَٽين، جِيئن ڇڏي ڪوئي تَر!
مــنــزلــون دُور اتـــي، پــيــر نــ اِئــن نــاري ڇڏ!
اي مــيـــان! ڏات خرابـات مــٿــان واري ڇَڏ!

رات سان رُوح نہ وِندراءِ، اِجهو باک ڦُٽي،
لاک لوئيءَ تي هنئين آهہ، اُفق چڙ تولاءِ!
ها، اِجهو رات کُٽي، رات کُٽي، رات کُٽي،
ها، اِجهو ننڊ ٽُٽي، ننڊَ ٽُٽي، ننڊَ ٽُٽي،
ٿا وڃن گهنڊَ سوَين، سڻ تہ سَهين، سانت ڇُٽي،
چوطرف چڙ تہ پيو گونججي ڪارڻ تو لاءِ
هيل تائين تہ سندءِ ڪَنن پَئي ڪُوڪَ گُهٽي،
رات سان رُوح نہ وِندراءِ، اِجهو باک ڦُٽي.

قافلا واٽَ وني، سَنگَ وڃائن ٿا پيا.
هي نئين راهه، خبر ناهه، ڪٿي ڪُنٽي آ!
هو اڳين وات ڇڏي، وِڪ وڌائن ٿا پيا
تي اِجها باکَ ڦُٽي، آس لڳائن ٿا پيا
گيتُ تي گيتُ چَئي، پاڻ پُلائن ٿا پيا
راهه ڪي زادِ سفر نانهه، ڪٿي ڪُنٽي آ؟
بس، پَنيون پيٽَ ٻڌِي، پَنڌُ پڄائن ٿا پيا
قافلا واٽَ وني، سَنگ وڃائن ٿا پيا.

چو اِئين پيار حياتيءَ سان جُدائي ويئين؟
چنڊ سان ڳالهڙيون ڪونہ ڪريان تو هاڻي!
چو اِئين هٿ ڇَڏي، پوءِ هَٽائي ويئين؟
رُتِ رابيل جي ڪيڏانهن اَلائي ويئين؟
مُرڪ مُڪري جيان ڇا لاءِ ڇپائي ويئين؟
هِير جِئن آئي هُئينءَ ڪيئن ڀُلي مون ڀاڻي؟
لُونءَ ۾ منهنجي لڳن چو اِئين لائي ويئينءَ؟
چو اِئين پيار حياتيءَ سان جُدائي ويئينءَ؟

ٻُت تُنهنجا تہ نہ آهن، هُو پراوا آهن.
هَڏ جِن جا پيجي، ڏُوڙي هي ڏُکائي آ تو!
چانڊني رات ۾ هنگلاج ڏي نڪتا آهن.
وَر وَڪَڙ واٽَ، اُنهيءَ ۾ ڪئي دوکا آهن،
تي مٿان وَلهہ وسي، مَجَ وِساڻا آهن،
ٻار ٻارَڻُ ڪري هِي اڳ جلائي آ تو!
تو ٻري ماسُ، منجهس جيئرا شعلا آهن
ٻت نهنجا تہ نہ آهن، هو پراوا آهن!

ڦهلندي چنڊ جيان ڏات ڏسان ڏس ٽُنهنجي!
ڪنهن نہ چاتو تہ اِئين موت کي شهہ ڏِئي ويندين!
زير بحث آهہ اَجان ذاتِ ڏسان ڏس ٽُنهنجي
موت کان پوءِ ڪندا تاتِ ڏسان ڏس ٽُنهنجي
تو ٻُڌان آنءُ برهہ- باتِ ڏسان ڏس ٽُنهنجي!
ڪنهن نہ چاتو تہ اَمر ٻولَ سوين ڇَڏي ويندين!
شاعري چڙ تہ آ برسات ڏسان ڏس ٽُنهنجي!
ڦهلندي چنڊ جيان ڏاتِ ڏسان ڏس ٽُنهنجي!

آرزو ڪاب رَهِي نانهه، هتي جا روڪي،
اوچتو اوچتو ڪنهن وقت مَرِي ويندا سين،
ڇا ڪيو آهه اوهان ڪير اسان کي توڪي؟
ويا ڪُتي ڪوهَه، ڇُڪي ڪانه ڇڏي ڪا ٻوڪي،
هيترا شعر ڏنا حصّي ۾ ڪنهنجي توڪي؟
آهيون مهمان هتان نيٺ ٽري ويندا سين
ڪو سبب نانهه، گهڙيون ٻيون نه وڌايون جوڪي!
آرزو ڪاب رهي نانهه هتي جا روڪي.

چَنڊُ اڄ راتِ بہ ڪلھہ جيئَن پيو هيٺ تَڪي،
آھہ حيرانُ تہ ڪيڏانھن ويا هُو آخر!
ڪَٿ تي ڪوبہ نظر ڪونہ اچي ٿو هن ڪي،
ننڊَ ۾ ڪوبہ نہ آ، پيئي ڏڪڻ- هِيرَ ڳُھلي،
ڪالھہ جئن جنهن ۾ پَئي راتِ جي راڻي ڦهلي،
آ پريشانُ تہ ڪيڏانھن ويا هُو آخر!
باک تي آھہ، تَڪو آھہ گھٽائون ڳولي،
چَنڊُ اڄ رات بہ ڪلھہ جيئَن پيو هيٺ تڪي!

وارَ ڇوڙِين تہ گهتائن کي ٻُڌائيندي ڪَرِ!
جي اُهي اُپَّ تي ڇانيون تہ انڌيرو ٿيندو.
ڪَنڌَ تي اِيئن وَسيهر نہ جُهلائيندي ڪَرَ!
رات جي بات تہ ٻي آهہ، اِئين ايندي ڪر!
اوچتو چَنڊَ جيان ڏِکَّ ڪڏهن ڏيندي ڪر!
دُور رهنديئءَ اگر پيار گهٽيرو ٿيندو.
هي پَلو آهہ تہ ڪُجهہ وقت پُلائيدي ڪر!
وارَ ڇوڙِين تہ گهتائن کي ٻُڌائيندي ڪَر!

مان سنڌءِ سُونهن ڪان اِنڪار ڀَلا ڪيئن ڪَيان!
عشق اقرار سوا اِيئَن بہ افشا ٿي ٿو.
آنءُ توساڻ اکيون چار آلا ڪيئن ڪيان!
نيٺ وَلهارَ ٿيا ساهَہ - سَلا. ڪيئن ڪيان!
تو اچين جي تہ تڏهن، بند ڳلا ڪيئن ڪيان!
شام جو عشق سَوين رنگَ شفق جاتي ٿو
زندگي آهہ ڪَلاڪارَ - ڪَلا. ڪيئن ڪيان!
مان سنڌءِ سُونهن ڪان اِنڪار ڀَلا ڪيئن ڪَيان!

ڳُل سَرءُ واءُ پـــئـــي روزُ اُنـــهـــيءَ جا ڇاڻـــي،
موڪلائِي ٿي ڪري چَڻ ته سِرنهن جي خوشبو!
اَرتُ ڪـوئـي بــه رَهـيـو نـانـهــ اَڳڻ ۾ هـاڻـي،
ڪـا ڪَـتـڻِ ڪـاڻِ رَهِي آهــ نــه مُنـهـنـجي ڀـاڻـي،
ڪيئي ڪـا پائـيـون آهن ويـون سانجهيءَ ٿاڻي،
ڪـا ورونُـهَڻِ نــه رَهِي ۽ نــه وِرنــهَن جي خوشـبـو؛
ڪـيـسـتـائـين ڪـو اڪـيـلائـي ڪي پـنـهـنـجي ماڻـي
ڳُل سَرءُ واءُ پَئـــي روز اُنـــهـــي جا ڇاڻـــي.

ٻَرو ٻِيـو نـہ سـنـدءِ، آسَ مـون ٻَلـيِ آهـي،
اَچين، اَچين نـہ اَچين، رات تـہ گذري وينـدي!
کُتـي ڪِتـي ٻـہ نـہ تـي سـيـڪـلي گلـيِ آهـي،
ائـين تـہ راهـہ مَـتـان چانـدـنـي پَلـي آهـي،
ٻـہ تي گهڙيون تـہ سندس واڳَ مون جَهلي آهي
اَچين، اچين نـہ اچين، ذاتِ تـہ گُذري وينـدي،
پـتـو نـہ آهـہ تـہ ڪـنـهـن وقـت ڪـان هَلـي آهـي!
ٻَرو ٻِيـو نـہ سـنـدءِ آس مـون ٻَلـي آهـي.

نوٽ: هن ترائيل ۾ مون ٻہ وزن 'مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن' ۽ 'مفاعلن فعلاتن فعلن' ڪم آندا آهن. انڪري ترائيل جو ترنم متاثر نہ ٿيو آهي.

ڪَڏهن تہ آءُ اچا انتظار آهيان مان
ٻُڏي تو سِجَّ، سُنهري ندي وهي تي پَئي،
شرابِ شام، سراپا خمار آهيان مان
وَجي وَيو نہ اَچان جو بَهار آهيان مان،
اَچان تہ ويرَ چَڙهي تي، اُيارُ آهيان مان
ڏَئي ڇِلانگَ، ندي سمنڊ ڏي ڪَهي تي پَئي،
انهيءَ ۾ چَندَ ڳُلين جي تہ پيار آهيان مان
ڪڏهن تہ آءُ، اچان انتظار آهيان مان

اجنبي گيتَ پُر اسرار ڪشش وارا ها،
اجنبي گيت ڪٿي دُور ڏکي ويا مونکي!
اجنبي گيت فقط سُر جي سِڌي ڌارا ها
سَمجهہ ۾ بول تہ آيا نہ مگر پيارا ها،
نينهن جا گيت نوان ڪونہ هُيا، نِيارا ها،
ڀهڳٽيون ڳاڻيون جِن ڏانهن ڇڪي ويا مونکي
ڳجَ تن ڪي نہ هُيا ڇڙ تہ ڳگن تارا ها!
اجنبي گيتَ پُر اِسرار ڪشش وارا ها.

اجنبي رات اچا تائين رُلائي پيئي
اجنبي سار پکيءَ جيئن ٿي پرواز ڪيا!
پيار جي سار اچا تائين سَتائي پيئي
تو بنا جنن نہ آ، پو بہ لنوائي پيئي
اي برہن! وس ڪري توکي ڀُلائي پيئي،
چار پل، سوسان جي گذريا، اهي ڪيڏانهن ويا!
ذات کي ڏينهن ٿيا جو اُها ڳائي پيئي،
اجنبي راتِ اچا تائين رُلائي پيئي.

تون اَچِين يا نہ اَچِين، وقت تہ گذري ٿو وڃي،
تــو ســوا اڄ بـــہ ٻيُر بــور ڪـيــو آ ٻـيــهــر
ڪــو بِرهــ نـانهـہ مـگـر جِيءُ بـهـلـجي ٿـو وڃي،
شمع ٻُجهنـدي بہ تہ ڇا. وقت وهامي ٿو وڃي
ٿـــي ڪُٽـــي رات، وَري سِج تـــہ اُڀــري ٿـــو وڃي
تـــو ســـوا صـــبـــح وَري نُور ڪَيـــو آ ٻـــيــــهَر
ٿـــورڙي ديـــر رڱو سِجّ اُجهـــامـــي ٿـــو وڃي،
تون اَچين يا نہ اچين، وقت تہ گُذري ٿو وڃي.

مان اَسُر ويـر اُٺـي تـوکـي پـيـو ڏسـان،
چَنـڊُ آڪـاشَ- سـمـنـدر ۾ ٻُڏي ويـو آهـي-
سـارَ جي سِيـر تکـي، مـان پـيـو تَرهـڻ تـاريـان،
هُو ڪَکَر ڪاڪِ مَٿان، ڇڻ پيو چانگـو چاريان!
آ اچان پَنـڌ پَري، پـيـرَ ڪـٽـي ٿـو ڏاريـان؟
عـمـر گـذري وئـي، ڪـجهـ وقـت مگـر پـيـو آهـي،
آ اچا وَجھّ، اگـر چاهـيـان تـہ ڪـجهـ هـاڪـاريـان!
مـان اَسُرِ ويـرَ اُٺـي، تـوکـي پـيـو ڏسـو سـاريـان!

ماڪَ جنھن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ.
ڄاڻندو ڪو بہ نہ آھي اُھا ڪيڏانھن وَئي!
باڪَ جنھن وقت بہ نيڻن کي وَٽي ويندي آ
ماڪَ تِنھن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ
پَر اُھا پاڻَ سان خوشبو نہ کڻي ويندي آ،
ٿي پُڇي جڻ پَئي خوشبو، ’پلا ڪيڏانھن وَئي‘؟
ماڪَ جا رات جي لُڙڪن مان ڄڻي ويندي آ،
ماڪَ جنھن وقت گُلابن تان ڇڻي ويندي آ.

ترمِرائي ٿي پئي راتِ، ڪٿي آهين تون؟
جَڙ سِتارا ٿا سَوين، ڳالهڙيون تنهنجون ڪَن!
ٿي اڳي جِئَن پَئي برسات، ڪٿي آهين تون؟
اي سندم تانگهہ، سندم تاتِ، ڪٿي آهين تون؟
تو سوا ذاتِ نہ آ ذاتِ، ڪٿي آهين تون؟
واءُ مان جڙ تہ ٿَڌا ساهہ پيا سِيرُون ڪَن
موت ڪان مان نہ مجان ماتِ، ڪٿي آهين تون؟
ترمِرائي ٿي پَئي راتِ، ڪٿي آهين تون؟

تون اگر چاهين، گهڙي هڪ نہ وڏائي سگهندين!
۽ اگر چاهين گهڙي هڪ بہ نہ گهٽجي سگهندي!
ڇا سمنڊ ۾ ڪڏهن چنڊ سمائي سگهندين؟
چَنڊُ آڪاس جو آهي تون نہ پائي سگهندين؟
ونجهہ تو چنڊ-نگر ڏانهن هلائي سگهندين؟
نہ پُڄي ناو پلي، رات تہ ڪَٽجي سگهندي.
ناکُئا! ناو نہ ڪنڌيءَ نہ پُڄائي سگهندين!
تون اگر چاهين گهڙي هڪ نہ وڏائي سگهندين!

دِل نہ وِندراءِ، ٻي طرح مُنھنجا پرين!
دَرد جي راتِ آ، دَرد جي ڳالھہ ڪر!
ڇو نہ اڄ رات تو درد جا گيت ٿين؟
مات جي راتِ جو اَشڪ منھنجا اُگھين؟
ٽھڪ ٿيا ايترا؟ تون تہ بينو ڪلين؟
رَنگَ؟ ھڪ رنگَ جي، زَرد جي ڳالھ ڪر!
آءٌ پورا تہ آھيان، اڃا تو پچين!
دِل نہ وندراءِ ٻي طرحِ مُنھنجا پرين!

جام غمخوار تيندو نہ آهي ڪڏهن،
جام سان هوش رهندو نہ، سچ تو چوين!
ڇا ڇيئہ يار ڪوئي بہ ناهي ڪڏهن،
روح سان رنجُ جيڪو وِراهي ڪڏهن،
ڏير دِل ڪي ڏئي، ناهہ ناهي ڪڏهن
ڪوبہ آهڙو اُسهندو نہ، سچ تو چوين،
اوچتو جو چڱيءَ لاءِ چاهي ڪڏهن؛
جام غمخوار تيندو نہ آهي ڪڏهن!

چَنڊ جو روپ ڏاري اچين تي پئي.
وقت درياهه وانگر وَهي ٿو پيو!
آن ۽ ساريان تہ ساري اَچين ٿي پَئي،
نينهن سان تون نِهاري اَچين ٿي پَئي
پر ڪٽي رات ڳهاري اچين ٿي پَئي
گجّ ڪيڏو نہ توتي نهي ٿو پيو!
وارَ ڪنهن لئہ سَنواري اچين ٿي پئي؟
چَنڊ جو روپ ڏاري اچين ٿي پئي.

ڪوبہ انسان تقدير ٺيندو نہ آ،
تون نہ هوندينءَ تہ ٻي ڪا محبّت ڪندي.
پيارُ اڱوات سوچي، سڌيندو نہ آ،
پر سبب ڪان سوا دل ڇڪيندو نہ آ!
جي وڃڻ تي اچي هُو مڃيندو نہ آ،
عاشقي آهہ وِرلي قيامت ڪندي
جيڪڏهن ڪنهن سَوا ڏِير ايندو نہ آ!
ڪوبہ انسان تقدير ٺيندو نہ آ.

تا لُڏن ڪارا ڇمون، جيڪي پيا هيڙها ٿُڪن،
اوچتو برسات جو بوندون وڻن تي تيون وَسَن.
لوءِ ڪي لهسائِيو ـو هيل چوڏاري لُڪَن،
تاسَ جڙ پنهنجي ٻُجهائِي ڪانہ ٿي پاڻيءَ ٻُڪن!
لُوهہَ ايڏِي جو آواڙي ماڻ تا هَر هَر ڏُکن!
اوچتو ئي اوچتو تا اُپَ مان ساوڻ سِمن،
اوڙڪون ٿي آءُ! ڪيسين هر طرف جَر ٿَر سُڪن؟
تا لُڏن ڪارا ڇَمون، جيڪي پيا هيڙها ٿُڪن.

روز ويـنـدو نـہ ڪَر يـارَ جي پـارَ ڏي
روزُ تَنهن ڏي وڃِي پيارُ گهتجي متان!
دورُ تـان تـون نِهـاريـن اگـر يـارَ ڏي،
۽ ڏِسين تـورڙو سُونـهـنَ-سـنـسـارَ ڏي،
جِئن وَري ڪـا گهـڙِي واءُ وَلـهـارَ ڏي.
تِي نـہ گُستـاخ تـون ايـتـرو عـشـق سـان!
دورُ تـان ڏِس، چڱو تـي تـہ دلـدارَ ڏي،
روزُ وِيـنـدو نـہ ڪَر، پـيـارَ جي پـارَ ڏي.

رِڻ ٻري ٿو ٻَپو، وِڪَ ڪي ڪَر ڏَرو،
رات ٻــرســاتِ جي ڌُور آهــي اَڃان!
رُجَ ۾ ڪنهن ٿُڀي ڏٺي، لڏو آ تَرو؟
واتُ واريءَ ڪَيو آ رِڳو ڪَر ڪَرو!
رُجَ مان اُڃَ ڪنهن آ اُڃهائي ميان!
سڀ اُڃارا ڇون ٿا تہ پُٽ تي وَرو!
رِڻ ٻري ٿو ٻپو، وِڪَ ڪي ڪَرِ ڏَرو!

بهتر آهي تہ نون ڏينهن ناري وَڃين،
اَمڙ ۾ ڪانو جي اکَ نڪري پئي!
نڙ جي ڄانو ۾ پهر گهاري وڃين!
ٻ وڃين جي تہ تون ڪنهن سَهاري وَڃين،
ڪو وِني واهہ، اُن جي ڪِناري وڃين
نانهن آرهڙ اُنو، رُتِ ڪائي پئي،
آهہ ڪيڏي تپت، جنهن بہ چاري ڙجين!
بهتر آهي تہ تون ڏينهن ناري وَڃين.

نيٺ اونارَ پسائن پيا جهاپا جهُوڙا
باکَ جي ساکَ رکي يارَ اچي ويا پَنهنجا.
مُنهن مَنهَن منجهه لِکائن پيا ڪُرتا ڪُوڙا!
چَنڊَ جئن مُرڪَ ڇپائي نہ سگهيا ويسوڙا،
ايتري جوتِ، لڳي تو تہ ٻرن تا ٻُوڙا!
پاڪِڙا، چَنڊَ-چمڪارَ اچي ويا پَنهنجا
مونگهڙن وَٽِ سڳنڌون ٿيا جيڏين جُوڙا!
نيٺ اونارَ پسائِن پيا جهاپا جهُوڙا!

کيئن چئجي ڪيرِ؟ پاڇا تا اَچن
هِيرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي؛
رُتِ ۾ رابيل چاچا تا اَچن!
کيئن چئجي ڪير؟ پاڇا تا اچن.
تي اَڱڻ ۾ چاندني نوڙي آلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو تي سَلي
وارَ ڪولي ڳُجهہَ ۾ پنهنجي ڳلي،
هُو ڪٿي رِيءَ جِئن الا چا تا اَچن!

هيءَ هرڻيءَ ڪان ٻچو ڇو ٿو ڦرين؟
ڏس، وليون توکي ميارون ٿيون ڏين.
چاندنيءَ ڪان اولڙو ڇو ٿو ڦرين؟
سڀ ڳليون توکي ميارون ٿيون ڏين.
ريت ڪان تون پيچرو ڇو ٿو ڦرين؟
هيءَ هرڻيءَ ڪان ٻچو ڇو ٿو ڦرين؟

رات جي برسات ۾ ايندي نہ ڪر!
جيڪڏهن تُنهنجي ڀِڄي چولي پَوي!
جيءَ مان مُنهنجي ڄُلي چولي پَوي!
هَٿُ تِي تولاءِ پاتولي پَوي!
مينهن واريءَ رات ۾ ايندي نہ ڪر!
رات جي برسات ۾ ايندي نہ ڪَر!

ڪلهہ جِيان مون تي سِتارا ٽا ٻرن،
تو بنا پَر راتڙي ساڳي نہ آ،
زندگانيءَ جا سهارا ٽا ٻرن،
پيارَ ۾ ڪيڏا نہ پيارا ٽا ٻرن!
تو جيان نيڻين-نهارا ٽا ٻرن،
تو بنا پَر زندگي ساڳي نہ آ!
ڪلهہ جيان مون تي سِتارا ٽا ٻرن
پَر لڳي تو روشني ساڳي نہ آ!

ڏر ٽٽيءَ جي تاوَ ۾ ڪجهه وقت ڪاٽي ننڊَ ڪر!
ٿي ٻري واري، پيا ڪُونيٽ جَلن
ٿو ڏِسان جيڏانهن ٿا سڀ گهَٽ جلن
ٿا ڇِڏا ٿُنهنجي مٿان سڀ ڇَٽ جلن
مان چَوان ٿو راهه اڳتي آ اَٽائي ننڊَ ڪَر!
مان مڃان ٿو ڇانوَ ۾ آهي ڇڏائي، ننڊَ ڪرَ!
ڏرٽيءَ جي تاوَ ۾ ڪجهه وقت ڪاٽي ننڊَ ڪر!

چا چوان! چو پيارُ توسان تي وَيو
ڪئِنَ چوان چا ڳالهه تو ۾ مون وَٽي؟
سُونهن هي سنسار تو سان تي ويو،
دڳ گُل و گُلزار تو سان تي وَيو،
چَندَ جئن وَنهوار تو سان تي ويو،
چڻ سِتارا ها پرِين تنهنجي پَٽي
چا چوان! چو پيارُ توسان تي وبو
جو گُهمان توکي اکين ۾ تو ڪٽي؟

* تـو مـنـجهـ ڏسـان آءُ پـيـو جڳ جڳانـتر.
تـون آءُ، هـلـي آءُ تـ مـان تـو مر نـهـاريـان!
ڪـيـڏا نــ هُيـا دُور، اجا دُور اَهـي دَر
جن مَنـجهـ پئـي جوت جَلـي. وات ڪَتـاوز!
جيڪي بـ هُيون ڪالهه ڳِهتيون، ڳهاتَ. اَهي ڳهر
تـون آءُ، هـلـي آءُ، جئـين مـان نـ وسـاريـان!
تـو لاءِ هُري هـانءُ. هـلـي آءُ نـ بـيـهـر!
تـو مـنـجهـ ڏسـان آنءُ اُهـي جڳ جڳانـتر!

---

* جڳ جڳانتر - ازل

جنھن وَقت وَراڻي نہ ڏِنَئہ، آنءُ ھليو ويس،
ڪنھن وقت متان آنءُ اَچان، ٻُوتِ نہ تون دَر!
ڪيڏو نہ وَتو آنءُ سنڌءِ نانءُ، ھليو ويس
توڪان نہ ملي ذات نہ ڪي ڏانءُ، ھليو ويس
تولاءِ گھڻو وقت ھُريو ھانءُ، ھليو وِيس
اُميد تہ آھي تہ بَچان، ٻُوتِ نہ تون دَر!
* گھرگھاتَ اُھو نانھہ، چڏي ڳانءُ ھليو ويس
جنھن وقت وراڻي نہ ڏنئہ آنءُ ھليو ويس.

* ڳانءُ – ڳوٺ (ھندي ۽ اردو ۾)

مَدّ پيتو آهہ ڪنهن ڪنهن ٿانوَ سڀ ڪجهہ ياد آهي،
ٻِسَال ٿِي ويا گڏ گذاريون جي گهڙيون، سڀ ياد آهن
چَنڊ جو ڀاڇو، سِرنهن جي ڇانوَ، سڀ ڪُجهہ ياد آهي.
اي پرين! تو ساڻ لُنءَ لنءَ لانوَ، سڀ ڪجهہ ياد آهي
هيرِ ۾ جُهولا جُهليا جي هانوَ، سڀ ڪجهہ ياد آهي
پَل هُيا موتين جيان، مونکي لڙيون سڀ ياد آهن،
سَال ٿي ويا، گڏ گذاريون جي گهڙيون سڀ ياد آهن.

رات جو ڏات ڪـــــڍــــي ايـــــنـــــدي ڪَر!
جئن ڏياتيون نـ وسامن تون اڳي ايندي ڪَر!
ائـــن بِرهـــ-بـــات ڪـــڍـــي ايـــنـــدي ڪَر،
جَڙ تـــ بـــرســـات ڪـــڍـــي ايـــنـــدي ڪَر!
تـــانـــگـــهـــ ۽ تـــات ڪـــڍـــي ايـــنـــدي ڪَر،
نيڻ جيسين نہ اُجهامن تون اڳي ايندي ڪَر!
مـــوتَ جي مـــاتِ ڪـــڍـــي ايـــنـــدي ڪَر!
راتِ جو ڏاتِ ڪـــــڍــــي ايـــــنـــــدي ڪَر!

تون نہ ايندينءَ اگر رات تہ گذري ويندي!
راتِ جو چَنڊُ اڳي جيئن کَندو چانڊوڪي،
تو بنا نِمّ کندي ٻُور اڳي جئن ٻوڪي،
وقت جي واڳَ اجان کنهن بہ تہ ناهي روڪِي!
چَڳّ چَهري نَي سنڌِ نيٺ تہ وِسري ويندي
چا اِنهيءَ ڳالهہ مٿان سوچيو آهي تو ڪِي؟
تون نہ ايندينءَ اگر رات تہ گذري ويندي!

رات ڪَٽ-مست ڪُميتن ڪان پُڇي تي پيئي
جئن اُتر واءُ لڳي، ”تيز وڃون ٿا ڪيڏانهن؟“
ڪو نشانو بہ اَٿوَ تير سڄون ٿا ڪيڏانهن؟
*وِڄُ جي واتَ وني، ينبَ يڃون ٿا، ڪيڏانهن؟
ڳهاتِ ڪَٽ-مست ڪميتن ڪان پُڇي تي پيئي
”ڪجهہ وراڻيو تہ سهين! ڇو نہ ميون ٿا؟ ڪيڏانهن؟“
ڏاتِ ڪَٽ-مست ڪُميتن ڪان پُڇي تي پيئي.

---

* ينبِ اوندهہ. ڳهاتي اوندهہ.

تون اگر رات رهين، گيتُ اجا باقي آ
اُپَ-ڪچنار، ڪَتيون ڪنهن ﺑﻪ پٽيون آهن ڪونﻪ!
ٽي ٽِئي وَسّ متان، وَڻ ﺑﻪ چٽيون آهن ڪونﻪ!
وقت جي مست تَدي، ڳهات ڳهٽيون آهن ڪونﻪ!
تون جي برسات رهين گيت اجا باقي آ
ڪنهن ﺑﻪ اُستاد پڙهايون هي پٽيون آهن ڪونﻪ!
تون اگر ذاتِ رهين، گيت اجا باقي آ.

روز اڌ رات اُٿـي، آنءُ لـڪـان هـي ڇا ٿـو؟
ڪا ازل منجهہ لِکيل چيزَ پڙهان ٿو ڇڻ مان!
تاريون آڪاس پڳيون، جنهنجون اهو هان وڻ مان!
ڪوئي تنبورو وَڳو، جنهن جي هُيس تڻ تَڻ مان!
ڇوُ تہ اي ذات اُٿـي، آنءُ لـڪـان هـي ڇا ٿـو؟
وَسُ ۾ آنءُ نہ هان، هونءَ نہ ڇاڻان ڳهڻِ مان
موتَ جي مات! اُٿـي آنءُ لـڪـان هـي ڇا ٿـو؟
روز اڌ رات اُٿـي، آنءُ لـڪـان هـي ڇا ٿـو؟

خُدا جي راهہ طرف ڪيتريون ڳِليون آهن،
خُدا جي راهہ ابد کان ٻہ جا اڳي تي وجي!
خبر نہ آهہ ڳِليون سڀ ڪٿي مليون آهن؟
ازل کان تن ۾ پَئي وينگسون ٿِليون آهن؟
اَچي جي نِنڊ، مٿان اُپَ جون رِليون آهن
خبر نہ آهہ تہ هي زندگي ڪٿي تي وجي!
هِتي تہ لاش رهن ٿا، مٿان هِليون آهن!
خُدا جي راهہ طرف ڪيتريون ڳِليون آهن!

ڪلهه جيان مون تي ستارا ٽا ٻَرن
تو بنا پر راتڙي ساڳي نه آ
زندگانيءَ جا سهارا ٽا ٻَرَن
نيڻ ٻيا، ساڳا نهارا ٽا ٻَرَن
پيار ۾ ڪيڏا نه پيارا ٽا ٻَرن
تو بنا پر زندگي ساڳي نه آ
ڪلهه جيان مون تي ستارا ٽا ٻَرن
پر لڳي ٿو روشني ساڳي نه آ!

آجيان ٻيءَ صديءَ جي نہ ڪئي آهي تو؟
هي صدي آهہ رَديءَ منجهہ وئي، پوري ٿي!
ڊارون، مارڪس، فرائڊ ڪي تو دل تان لاٿو،
زلزلي خيز صديءَ ڪجهہ تہ بچايو هوندو؟
آءُ چنڊچاڻَ ڪَيون، آءُ ڏِسون 'چا' ۽ 'چو'!
سچَ ڪي هيءَ صدي پُٽَ ڏئي، پوري ٿي
ڪُوڙ جي ڪِنَ تہ ڏِسُ، سَچُ اجان آ سپنو!
آجيان ٻيءَ صديءَ جي نہ ڪئي آهي تو؟

سِر ڏئي سَچ بچائڻ کو ضروري تہ نہ هو!
سَچ کي ساهہ ۾ سانديئہ تہ چڱو ڪيُءِ ڏاها!
تو سرِ دار هجين ها بہ اگر گئليلو،
هيءَ ڌرتي تہ ڦرڻ کونہ ڇڏي ها پنهنجو،
دؤر جو دؤر حماقت جو هُيو آئينو،
هاڻ جا سوچ نئين آهہ، ڇئي تي آها...
سِر ڏيڻ کان ئي سَوا سَچ بچائي ويو کو!
سِر ڏئي سَچ بچائڻ کو ضروري تہ نہ هو!

اڙي مـنـصـور! رڳو تـوکـي پـيـا تـا ڳائـن،
رَتّ سان پنهنجي وُضو ڪنهن نہ ڪيو آ مون جِئن!
هـي نـئـين دؤر جا مُلا تـا اِهـو ورجائـن،
ڪالهہ جي ڳالهہ رڳو تا ڪري ڳهٽا پائن!
آرسـيءَ جيـئـن ڏسـي سَچّ، پيا گـهـبرائـن!
آهـ! هـي دؤر جو وهـلـورُ ويـو آ ڪـئـن ڪـِئـن!
ديس ۾ ارڙهين صديءَ سان تـا پـيا لَنوَ لائـن!
اڙي مـنـصـور! رڳو تـوکـي پـيـا تـا ڳائـن!

چَنڊُ مينار مٿان ڪالهہ سنڌوءَ جي پرسان،
ٿي سکر-سارَ اچي ڪالهہ پرينءَ جي پاسي!
ڪالهہ ڪيڏانهن ويو؟ آنءُ پيو ٿو سوچان!
ڪالهہ هو هيرَ جيان مُنهنجو گذر ٻارين مان!
ڪيترا گُل هُيا، خوشبوءَ ۾ خُماريل هُن جان!
مون ٻونر جيئن ٻرِي ٻاڻُ ڇَڏيو هو واسي!
آه! اڄ رات پيو ڪيترو تن کي ساريان،
چَنڊُ مينار مٿان ڪالهہ سنڌوءَ جي پرسان!

خبر نہ آ تہ وڃي دور ڪيترو ٿو لڪُ
تمام عمر ڪَٽي انتظار ۾ مُنهنجي!
لڳي ٿي لُوءَ، لُڏي ٿو ڪِٽي ڪٿي ڪو اَڪ!
مَٿي مَٿان نہ ٻَڌو، پو بہ مون ڪڏهن اَجرڪ
پُڳو نہ پَنڌُ، رڳو ٿيڙها، رُڳو هو ٿَڪّ!
نهارَ پو بہ رهي آهہ پارَ ۾ مُنهنجي،
اچا تہ ڪونہ سندم جيءَ ڪي اَچي ٿو جَڪُ،
خبر نہ آ تہ وڃي دورُ ڪيترو ٿو لڪ!

مورڙيون مُنهنجا ٺهوڪا ته ڇِڪي آيا ها!
آنءُ گهنگهور گهٽائن مان هليو آيو هوس،
لَڪ جڏهن ڪالهه ليارن ٽڙي مهڪايا ها
ماڪ جئن گيت تڏهن آنءُ اچي ڳايا ها
گيت جي ڏيهه مٿان ڇانوَ ڪري ڇايا ها!
انت ڪان پار صدائن مان هليو آيو هوس
ڪير چوندو ته سندم گيت هُيا مايا ها!
مورڙيون منهنجا ٺَهوڪا ته ڇڪي آيا ها!

موت! ڪجھ وقت اگر ڏين تہ وَسان ڏرتيءَ تي
هي ڪَويتا تہ نہ برسات جيان ڪجھ آهي!
واءُ ۾ جئن ڳسي وَلهارُ، ڳسان ڏرتيءَ تي،
مون ڳھتايو نہ وَسان چَئن ڏَسان ڏرتيءَ تي.
ڦول چوڏار پيو آنءُ پَسان ڏرتيءَ تي،
سَپ ٻُڌي ڳيت چَون ڏات جيان ڪجھ آهي،
جئن ٽِڙن تارَ ائين آنءُ هَسان ڏرتيءَ تي
موت! ڪجھ وقت اگر ڏين تہ وسان ڏرتيءَ تي.

دُور جا سَنَڌ گهڻو وقت لنوايا آهن،
هاڻِ تنبورو وڄو، هاڻِ هليو ويندس مان!
ايترا گيت ستارن نہ ٻُڌايا آهن،
جيترا گيت اوهان لاءِ مون ڳايا آهن،
گيت ٻين لاءِ بہ مون ڪيئي بچايا آهن
اڳرين چا نہ سَنو! هاڻ هليو ويندس مان!
اي ازل! تو سان ڪيل قول نڀايا آهن،
دُور جا سَنَڌ گهڻو وقت لنوايا آهن.

هاڻ ڏيئو بہ متان ساٽ نہ ڏي!
رات يلغار ڪَري آئي آ
چَنڊ جي مَنڊ جيان ڏُور اَڏي،
ڪيئن چئجي تہ ڪڏهن جُوءِ ڇَڏي،
موت ڪائي نہ وَري جيءُ لڏي!
تيرگي وارَ ڪري آئي آ
چانئجي آهہ وَئي اڄ تہ تَڏي،
هاڻ ڏيئو بہ متان ساٽ نہ ڏي!

ننڊ جو نانءُ نہ وَٺ، ننڊ اسان لئہ ناهي،
ننڊ هڪ اجنبي مهمان جيان آهي هِت!
مَڏُ ڪُتُٽو ئي نہ آ، مَڌ پيو ڪو ناهي،
چَنڊَ جو ٿانءُ تہ ڪڻ، ايءُ پيڻ لئہ آهي،
ڪيپُ گهنگهور گهٽا جيئن اچي ٿو ڪاهي،
پر اکين-ننڊَ تہ ارمان جيان آهي هِت
هُو ڪَلال آهہ ڪٿي، ڇا تو ڇڪائڻ چاهي؟
ننڊ جو ناءُ نہ وَٺ، ننڊَ اسان لئہ ناهي!

مـوتَ ٻـوسـاتَ هُـئي، واءُ تـي گـهُوگـهاتَ ڪَـيا
تـيـز گـهـوڙي تـي اِئـين ننـڊَ اچي وَئـي تـوڪـي!
تُـنهـنجي ارمان سوين گـهيڙ ڪـيا گهاتَ ڪَـيا
تي ڳجيو اُپّ، ڪِنوڻ ڪالهہ تي چمڪات ڪَيا،
ڇا نـہ احسانَ تي لهرين جي مٿان لاتَ ڪيا!
ايـڏي رفـتـار ۾ ڪـِئـن اک لـڳي وئـي تـوڪـي؟
آنءُ جاڳايـو گـهـڻـو، آنءُ تـہ رانـيـات ڪَـيـا!
موتَ ٻُوساتَ هُـئي، واءُ تـي گـهُوگـهات ڪـيا!

تون نہ ڄاڻين تہ ڪِتي انت پُڄائي توکي!
تو پرستش تہ رڳو آهہ ڪَئي هِن پَل جِي!
پاڪڙو چَنڊَ جُهڪايو تہ پڄائي توکي،
مارئيءَ جيئن ڪنيي، ڪوتِ رَسائي توکي،
۽ رکي بندِ اُتي، روز هڄائي توکي!
تو حقيقت نہ آ معلوم اَجَهل جي جَهل جي،
ڪوٽَ ڪيرائي ڪڏهن جيڪو بچائي توکي!
تون نہ ڄاڻين تہ ڪِتي انت پُڄائي توکي.

ڪوهہ تي پويون گهڙو آهہ، اِهو ڪيئن چوان!
ڪيترو پنڌ ڪري آنءُ پرڻ آيو هان!
ڪئن نہ ڳِرٽي ٿي ڦِري، مان ٿو جڏهن ڪوسَ ڪيان!
مان نہ ڪي زور ڏيان ۽ نہ ڇِڪان ڇِڪ ٿي ڪيان!
ڪير ٿو وَرت ڇڪي، آنءُ پيو هيٺِ ڏسان،
منهنجو وارو آ، اُهو پورو ڪَرڻ آيو هان
ڪوهہُ اڳِ ڪان بہ گهٽو آهہ، اِهو ڪيئن مڃان!
ڪوهہ تي پويون گهڙو آهہ، اِهو ڪيئن چوان!

ڪا گھڙي نانھن جڏھن ياد نہ آئي آھين،
تُنھنجي صورت جئين تقدير جو آئينو آ!
مون تہ سمجھو هيو مون لاءِ تون ڄائي آھي،
پر ازل منجھہ لکيو ڪنھن تہ پرائي آھين،
پو بہ تون ڪيئن نہ رڳ رڳ ۾ سمائي آھين،
جنھن صنم ساز جڏھن ناھيو سنڌءِ سينو آ
تنھن نہ معلوم، تہ ڪئن مون کان تڳائي آھين!
ڪا گھڙي نانھہ جڏھن ياد نہ آئي آھين.

چَنڊُ جنهن لاءِ پيو روز لياڪا پائي
* اڳُ به صورت گرو هِن جيئن ڏني ٿوَ ڪائي؟
چڙ ته درياهه ڇُهڻ لاءِ وراڪا پائي
چوليون تِي گهات متان آ ويو ڏاڪا پائي
هُن جيان تيز ورانگون وئي ڇاڪا پائي؟
هيئن سُهٽي ڪا ڏني ٿوَ يا ٻُڌي ٿوَ ڪائي
سانت ۾ ڪُنّ وَيا ڪيئن نه واڪا پائي!
چَنڊُ جنهن لاءِ پيو روز لياڪا پائي.

* نوٽ: اُتر ۾ اَتوَ کي ٿوَ به چوندا آهن.

گهَر، گهِتيون، گهاٽَ، سڀيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
اوچتو ڪلهہ هتي طوفان لڳو هو ڏاڍو،
وِڄُ چمڪات، سڀيئي تہ ٻُڏي ويا آهن!
ڪنهن ڳٽيا ڳاٽَ، سڀيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
ڪيتري چاٽَ، سڀيئي تہ ٻُڏي ويا آهن،
مون ڏٺو شهر تہ وِيران لڳو هو ڏاڍو
تي رُني ماٽَ سڀيئي تہ ٻُڏي ويا آهن
گهر، گهٽيون، گهاٽَ، سڀيئي تہ ٻڏي ويا آهن.

دوستيءَ منجهہ دغا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
هي پُنيءَ مَنجهہ چُرو، مي تہ نئين ڳالهہ نہ آ!
اشڪ آلود وفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
جيءَ جي لاءِ جفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
زندگي هيئن خفا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
آدمي ڪوبہ بُرو، هي تہ نئين ڳالهہ نہ آ
هيءَ دَستار و قبا اڳ بہ ڏٺي آهي تو
دوستيءَ منجهہ دغا اڳ بہ ڏٺي آهي تو.

هنج ۾ ٻارُ جئين ماءُ جهلي
شاعري، لاءِ سرشتي ائين آ!
شوءِ ڏاڙهان ٻريان، ٻاڪ ٻلي!
ٿي نديءَ جيئن پرهه-شير هلي،
مامتا نند پريا نيڻ مَلي،
ڏس تہ ٿي رات رواني ڪِئن آ
تا اچن گيت وري ڳوٺ ڳلي
هنج ۾ ٻارُ جئين ماءُ جهلي.

ڪيرَ تي ياد اچي هڏڪيءَ ۾
پارَ ڪان پيارُ اچي تو ڪنهنجو؟
چا نـه رابيل ٽڙي آ جيءَ ۾؟
واس ڪو آهه وَربو ڏرتيءَ ۾!
جڻ اُڏار آهه پکين ٽوليءَ ۾
هيءَ اسرار اچي تو ڪنهنجو
اوچتو شعر جيان ٻوليءَ ۾؟
ڪيرَ تِي ياد اچي هڏڪيءَ ۾؟

جي اچين، رات رَهي پوءِ هَلي ويندي ڪَر!
چو اِئين شام لٿي، راهہ رَمي ويندي آن!
جي وڃي چَنڊ لَهي، پوءِ ڀَلي ويندي ڪَر،
مُنهن انڌيري ۾ ٽپي پارِ ڳليِ ويندي ڪَر،
ڪو پڇيئي تہ ’ڪٿي هُئينءَ؟‘ اَلي ويندي ڪَر،
ترسندي نانهہ، اُڃي پير هَلي ويندي آن!
اُڄ اُجهائي تہ اڙي پيارَ ڪَلي ويندي ڪَر!
جي اچين، رات رَهي پوءِ هَلي ويندي ڪَرَ!

ايترو وقت ڪٿي ايئن ڇُپي وئي آهين؟
چنڊ تولاءِ ڳليون روز اچا ڳولي ٿو.
ٿورڙو پيار ڏئي، پوءِ هلي وئي آهين!
ڪيئن خوشبوءَ جيان راهه پُلي وئي آهين
ڇڻ ته رابيل ۾ بيهار گهري وئي آهين
چَنڊُ تولاءِ چَڪيون روز اچا ڦولي ٿو!
ڪٿن چوان لوءِ ۾ ڪنهن جاءِ لڪي وئي آهين!
ايترو وقت ڪٿي ايئن ڇپي وئي آهين؟

رات برسات پُڇيو هوءَ وٺي ا ڪيڏانهن؟
هوءَ پَر سالَ تہ رابيل جيان ڪِلندي هُئي!
هُو چُڙيل وار ويا جڻ تہ گهَٽائون حيڏانهن!
چَنڊَ تون ڳول مَتان موءَ هُجي ڪٿ ايڏانهن!
گهَر جتي آهہ سندس واءُ هلي وڃ تيڏانهن!
هوءَ پَر سال هتي ديل جيان نلندي هُئي
دِل اشارو ڪَيو ڪنهن جاءِ ڇُپي آ هيڏانهن،
رات برسات پُڇيو هوءَ وٺي آ ڪيڏانهن؟

مانگھ جي راتِ ھوا تي پٺي ڳھوڳھات ڪري!
مانگھ جي رات گھران ڪيئن ھلي آئي آن؟
اوڙڪون ٻيٺون پون وڄ تي ڪڙڪاٽ ڪري،
واھ وسندا ٿا رھن، تون ٿي اڄ وات ڪري
گھر مان نڪتين ء سگھي، سان رڳو سرٻاٽ ڪري
ايڏي برساتِ تران ڪيئن ھلي آئي آن؟
ھيٺن ڪنھن لاءِ سنڌ جي ٻبو جات ڪري؟
مانگھ جي رات ھوا تي پٺي ڳھوڳھات ڪري!

پيارَ جو ناٺُ هوا مَنجهه هُري ٿو، هل تون!
پيارَ جي لاءِ ندي ڪاٺ ٽڪيري ناهي.
باجهه جو پوٺ لڳاتار ٻري ٿو، هل تون!
اي اجهل چڪ وري پير جُري ٿو، هل تون!
تنهن طرف جنهن کي سنڌءِ ساهه گهُري ٿو، هل تون!
آ سڏي واٽ، وري واءُ به ويري ناهي.
جنهن گهڙيءَ لاءِ سنڌءِ جيءُ جهري ٿو، هل تون!
پيار جون ناٺُ هوا منجهه هُري ٿو، هل تون!

ڏِس ته ڪئن ڪونيت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!
تو ڏٺو ڪئن واءُ ۾ ساريون وليون جرڪن پيون؟
ڏِس ته سڀ ٻرپت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!
* مينهن ۾ مرگهت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!
انبلت يا ڳمٽ ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!
لونءِ ۾ لارون ڪري، سارُون وري جرڪن پيون،
پيار جا پوپٽ ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!
ڏِس ته ڪئن ڪُونيت ٻرن ٿا، ڪنهن ازل جي آگ ۾!

---

* مرگهت - مسانُ.

راتڙيون هونءَ اِئين ڀيون ڀـ گُذاريون آهن.
سُونهن جي ساٿ، اِها رات ڀـ گذري ويندي.
گوپيون شام ڀـ ائن ڪونـ ڏتاريون آهن
جيءَ جمنا ۾ لٿيون ڪينريون ناريون آهن،
چاندني رات ۾ جي ڀينهن نڪاريون آهن!
تون متان ڀانئين ڪا بارات ڀـ وسري ويندي.
پيار جي پنڌ ۾ ڪيڏيون نـ سواريون آهن
راتڙيون هونءَ اِئين ڀيون ڀـ گذاريون آهن.

ڪوڪ تارن ۾ هلي ويندي آ،
ڪويليون ڪوڪَ نہ مرندي آهي،
آڳ هر طرف لڳي ويندي آ،
دور تائين ڪا ڄيي ويندي آ،
ڪيئي درياھہ تپي ويندي آ،
ڪريليون ڪوڪَ تہ ترندي آهي
دُور تارن ڏي ٽري ويندي آ،
ڪُوڪَ تارن ۾ هلي ويندي آ.

ڪوبہ خوشبوءَ جي بَها ڪونہ ڪٿيندو آهي.
ڪوبہ رابيل رَتين ساڻ نہ توريندو آ.
عشق ايندو آ تہ اِئن مفت ۾ ايندو آهي.
ڪو گُلابن سان اَچي پاڻ پريندو آهي؛
ڪوبہ ان لاءِ ڀَلا رتّ رِتيندو آهي؟
مُرڪ سان چڙ تہ شڪنجي ۾ جَڙي ويندو آ
پيار جئن ڪوئي بہ طوفان نہ ٿيندو آهي.
ڪوبہ خوشبوءَ جي بَها ڪونہ ڪٿيندو آهي.

هر تصور کي بنا ڏوهہ اُجاڙي ويئين،
تون تہ هر چيز کي ويران ڪري وئي آهين!
تو ٻُڌايو بہ نہ ڪنهنجي پٺي پاڙي ويئين!
گُل تہ زنجير هيا پو بہ لتاڙي ويئين،
چاندني سرو ۽ صنوبر تي پچاڙي ويئين
هر تبسم کي بيابان ڪري وئي آهي!
سُڄ سان جيءَ سڄي عمر سلهاڙي ويئين
هر تصور کي بنا ڏوهہ اُجاڙي ويئين.

هر نئين رات نئون صبح اُڀاري پيئي،
ڪيئن ڇنجي نه اهو سلسلو ڪيسين هلندو!
ٻاک ٽٽي تي نوان رابيل ٽڙن ٿا ڪيئي،
ٿا وڃن نيٺ ڇڏي واءُ کي خوشبو ڏيئي،
زندگي چار پهر آ، اجهو ويئي ويئي!
ڪير ڄاڻي ته اهو سلسلو ڪيسين هلندو!
سوچ سُرباٽ ڪا پاڻ مان ٻاهر نيئي،
هر نئين رات نئون صبح اُڀاري پيئي!

شاعري منهنجي ڪڏهن نانهہ شعوري ڪوشش
ننڊ مان ڪير اُٿاري ٿو، لڪان ويٺو مان!
ننڊ جي لاءِ ڪئي آهہ مون پوري ڪوشش،
ننڊ جي لاءِ مگر نانهہ ضروري ڪوشش،
جيستائين نہ لڪان، ننڊ اڌوري ڪوشش!
پيو بہ ڪو آهہ سندس سات ڏيان ويٺو مان،
شعر سِرجي وئي ڪيڏا نہ سموري ڪوشش!
شاعري مُنهنجي ڪڏهن نانهہ شعوري ڪوشش!

اي ازل آءُ، اڄي ويهه، رهاڻيون ڪَر ڪي!

مان جڏهن کان تو لڪان، ڪيئي صديون ٿيون آهن،

ميٺلي، منجهه لڪيو ڪيئن، ڪهاڻيون ڪَر ڪي!

ڪوئلون ٻر ڏسي، اڄ ٻه أماڻيون ڪر ڪي!

۽ ڪڏهاڻون ٿين ٿنهن سان واڻيون ڪَر ڪي!

مان ورتي ٻنگهه لُڏان، ڪيئي صديون ٿيون آهن.

ڳالهڙيون ڳجهه جون مون ساڻ پُراڻيون ڪَر ڪي!

اي ازل آءُ، اڄي ويهه، رهاڻيون ڪَر ڪي!

تـون چويـن تـو تــ ”اُتـي لِکَ! اُتـي لِکُ هـاڻـي!“
”هــي گـــهَڙِي آهـــ اَمـر کـــونـــ وَري وَرِڻي آ.“
”نندِ مان ڪالهہ جيان جاڳُ، وَري لِکُ هاڻي!“
”پـيـــا رابـيـــل اَســـر ويـــرَ تِڙي لِکُ هـــاڻـــي!“
”تـون وهائوءَ کان گهڻو ڏورُ ڏسي لِکُ هاڻي!“
تون چوين ٿو تہ ”اُها کَرِ، جا سندءِ ڪرڻي آ“
”ڪنگريون جيئن پَري کوهہ ڳَڙي لِکُ هاڻي“!
تـون چويـن تـو تــ ”اُتـي لِکَ، اُتـي لِکُ هـاڻـي!“

ڏات هَرڻـيءَ جيـان رُج ڏنـي آهـي ڪـا،
رُج، جا دُور وڃائـي تِي پـري ڪـان پَرتـي!
زندگيءَ ڪُجهہ نہ ڏنو سُڄّ ڏني آهي ڪا.
تون ڪُهيون ڪوتِ، جئڻ اُڄّ ڏني آهي ڪا!
ٻُک سـانجهـيءَ لٺـي جُڄّ ڏنـي آهـي ڪـا،
ڏس تہ تِئي سِج سَگهائي تي پري ڪان پرتي!
ڪنهن 'رَسيِ وَتّ' چئي مُج ڏني آهي ڪا
ڏاتِ هـرڻـيءَ جيـان رُجَ ڏنـي آهـي ڪـا!

شاعري، موت کي اِسرار بڻائي ويندينءَ،
عُمر جي هيئن لِڪِي تنهنجي گُذرندي رَهندي!
جيئندينءَ تا بہ ابد، موتُ مِٽائي ويندينءَ
چَنڊَ جئن گهاءُ ڏِئي رات کي گهائي ويندينءَ
هِيرَ جئن پو بہ گهٽو ڪجهہ تہ ڇُپائي ويندينءَ
جا ڪُٺي نانهہ ڪويتا اُها وَرندي رهندي
سُونهن جو هڪ نئون سنسار بڻائي ويندينءَ،
شاعري موت کي اسرار بڻائي ويندينءَ!

ســارَ جي ڏارَ مـتـان کـيـڏا پـکـيـئـڙا آهـن.
هـر نـئـين سِجَّ نَيـون ٻـولـڙيـون ٻـولـن ٿـا!
ڏينهَن جي پيارَ جي ٻانهُنِ ۾ گذاريا آهن،
ٿي ڪَڪَر-چانوَ مٿان عمر تي ٻيٺا آهن،
يـادگـيـريـن ٻـہ يَـڪـا مِـيـنـهَن وَسـايـا آهـن،
تـاڪِـيـا پَٽّ جا چِڙ پَهـر اَچي ڪـولـن ٿـا،
لـونءَ ڪـانـدارجي ٿـيِ ايـتـرا لـسّـا آهـن!
ســارَ جي ڏارَ مـتـان کـيـڏا پـکـيـئـڙا آهـن!

عمر آغوش ۾ هر رات تي توڪي ڳولي،
تون خبر نانهه ته ڪيڏانهن هَلي وَئي آهين!
رات جا پهر ستارن سان پڇي ٿي ڦولي،
باک تولاءِ پڇي ٿي پئي تولي تولي
پو چوي ٿي ته ”پُڪاريوس، پڪيئڙا بولي!“
اِئن لڳي ٿو ڪِٿي ڪَڪرِين ۾ رَلي وئي آهي،
سمنڊ ۾ يوءِ به چوليون ڏنيون مون جا چولي،
عمر آغوش ۾ هر رات ٿِي توڪي ڳولي.

ڊيرَ ڦالينَ اڳيان پيارَ پٿاريا آهن.
ڇا ڪٿان ڇا نہ ڪٿان، مان تہ مُنجهي پيو آهيان!
جيترا پيار ڪَيا، سڀ اُهي ساريا آهن،
ڄڻ ڏِياريءَ جيان ڏيئڙا ٻاريا آهن،
ڪيترا چنڊ سنڌ سار تي واريا آهن
ايترا چنڊ گهٽان، مان تہ مُنهنجي پيو آهيان
ائن لڳو ڄڻ تہ سَوين ڦولَ ڦُلاريا آهن!
ڊير ڦالين اڳيان پيار پٿاريا آهن.

جي ٻُڌَءِ هيئن صدائون تہ اُڏامي ايندينءَ،
پئد سپ پاڻ تان هڪ سَٽّ سان لاهي وجهندينءَ؛
مون اگھ جان نہ پڇين، پر نہ ڪٿي ساهيندينءَ،
جئن گهتائن ۾ تکو چنڊ، اِئين تي ايندينءَ،
راهہ ۾ ڪيترين سالن جون چُميون سارينديءَ،
پهچنديئي تون ڳراٽيون ڳلي ناهي وجهندينءَ
هر جدائيءَ کي پُلي جان وَري واريندينءَ،
جي ٻُڌءِ هيئن صدائون تہ اُڏامي ايندينءَ.

پيار اڳ ۾ بہ تيا هيئن تيو نانهہ ڪڏهن،
چڙ تہ مهتاب ڇُليو آهہ ڇتين چولين ۾!
گل مُسرت ۾ اَچي هِيرَ جُهلائي تي جڏهن،
تُنهنجي خوشبوءِ ڪي لڳاتار پڪيڙي تي تڏهن،
پيارَ اڳ ۾ بہ تيا، هِئن نہ تيو آهہ ڪڏهن!
شاعري هيئن ڏني تي ڪِني ٻين ٻولين ۾؟
پيار جا پُور ڪَنا هِيئن ڪيا آهن ڪنهن؟
پيار اڳ ۾ بہ تيا هئن نہ تيو آهہ ڪڏهن!

راڳ جا ڀاڳ تہ ڏس، ڪِئن نہ ٺَڙي پيو آهي
جئن ٺَڙي چيٽَ ۾ اڌ رات جو رابيل پوي!
چڻ تہ خوشبوءَ جو ڪٽي پيرُ ٺَڙي پيو آهي
چڻ تہ پونرن جو مٿس ميڙُ مِڙي پيو آهي
چڻ تہ وَلهار مٿان چَنڊ ڪِڙي پيو آهي!
روشني روح مَٿان ايتري تي هيل پوي
چڻ تہ تارن جو پريان ڪوهہ ڳِڙي پيو آهي
راڳ جا ڀاڳ تہ ڏس، ڪِئن نہ ٺَڙي پيو آهي!

جيترا پيار مليا ايترا قافيا آهن؟
ڪيئن ٻوليءَ ۾ اچن ايترِيون زلف-وَليون!
تو بري ۾ خدا ڇا نه پسايا آهن!
چنڊ جئين آنءَ ڏٺا ڪيترا چهرا آهن!
دل جي آئيني ۾ آيا ڪيئي جلوا آهن
مون تصوَر جون گهميون ڪيترِيون گلرنگ گليون!
گُل تن منجهه ٽڙيا اوچتو ڪيڏا آهن!
جيترا پيار مليا ايترا قافيا آهن.

پو بہ ورڻو تہ اَوَس هان جي مري ويندس مان،
ها، هتي راتِ رهي آنءُ هليو ويٺو هان!
جئن اُتر واءُ ڳُهلي اِيئن ٽَري ويندس مان،
جيترا بارِ بہ ايندس تہ وَري ويندس مان؛
هن دفعي جئن ڪٽي گيتن جي پَرِي ويندس مان
چَندَ جِئن دُور ڪَهِي آنءُ هليو ويٺو هان!
شمع وانگر تہ نہ آهيان جو ڳري ويندس مان،
پو بہ وَرڻو تہ اَوَس هان جي مري ويندس مان.

هَر نئين رات نئين گهاتِ جڏهن آئي ٿِي.
موتُ جو تيرُ ڳُسائي ٿي حياتي مُنهنجي
موت جي روز نئين مات جڏهن آئي ٿي،
گيت آڪاس مَنجهان ڏات جڏهن آئي ٿي،
سانوڻيءَ جئن پري برسات جڏهن آئي ٿي،
ٿي ٿِئي دِوُر اڳي ڪان بہ مماتي منهنجي
زندگي وائي نئين وات جڏهن آئي ٿي
هر نئين رات نئين گهاتِ جڏهن آئي ٿي.

توڙ تائين نہ هليو ڪوبہ ويا سڀُ موٽي،
موڙَ تائين بہ هليو آهہ تہ هُو جَس لهڻي،
مون جڏهن لَڪّ لتاڙيا تِي وچوٽِي چوٽِي،
مون سان چاڙهي نہ چَڙهيا، جي بہ هُيا گڏ ٽوٽي،
آئينـي جيئن پَئي چَنڊَ سان چَمڪي چوٽي!
جنهن بہ ڪُجهہ سات ڏنو آهہ تہ هو جَس لهڻي،
جنهن سُجاڻي وَٽي آ ذات ڪَرِي ۽ ڪوٽي،
توڙ تائين نہ هليو ڪوبہ ويا سَڀُ موٽي!

مون تہ سي سيڻ ڪَيا ننڊَ نہ ڪن تا جيڪي
سمجھندين ڪيئن اِهو جيسين پنائي نہ پڙهين!
ٻُڪَ جي لاءِ ٻہ ٽي سَنگ ڪنيا جِن سيڪي،
جِن وهاڻا نہ هيا، ٽُڙَئي جي وينا ٽيڪي،
نِمُ جي ڇانو تتي ڏينهن تا مائِن ڪي ڪي،
تون اِهو علم پڙا منهنجي مَٿان ڇو ٿو مڙهين؟
مونکي وڻ ٽَڻ سان مِلي لڙڪ وهائڻ ڏي ڪي!
مون تہ سي سيڻ ڪَيا، ننڊ نہ ڪَن تا جيڪي.

هي اَملتاسِ تہ ڏِس سِجَ لٿي جئن پيلي!
آجيان چنڊَ جي تا اُن جا ڇڳا ڪَن وَڻ مان
اِئن وئي سانجهہ جئين چانهہِ اُڏاٽي نيلِي،
اَتِّ اونداهہ ڏسي پارِ نئين ڪا تيلي،
ڪُجهہ ڏِياتي تہ ٻري، باهہ تہ ٿي پڙڪيلي!
روشني چَنڊُ ڪندو نيٺ تہ ڪنهن وقت مٿان!
تو نئون پَکَّ اچي، رات وَڃي تاريلي،
هي اَملتاس تہ ڏِس سِج لٿي جئن پيلِي!

آنءُ وڻڪار ۾ جهڻڪارَ ٻُڌان تو ڪائي
چيرَ چمڪي پَئي پر ڪيئن چوان ڪنهنجي آ!
سارَ مون لاءِ ڪٿي آئي هوا هَرجائي،
جڻ پبڻ منجهه ڪِڙي پئي نئين ڪُوٽي ڪائي،
ءِ پَونر سُڻس رکي، آيو اُڏارو ڪائي،
سارَ تِمڪي پَئي پَر ڪيئن چوان ڪنهنجي آ!
ساهه ۾ سار اِها ڪيئن چوان چو آئي!
آنءُ وڻڪار ۾ جهڻڪارَ ٻُڌان تو ڪائي

چنڊ جڏهن گم ٿي وئي آنهه اونداهي رات ۾
ڇا رکان آس ڪڏهن آنءُ سهائي رات جي!
ڇا نه طوفان هُيو ڪالهه اُڏامل ڪک ۾!
پيار مون لاءِ هُيو ڪُجهه تہ جياپي-جڳ ۾
ها، رهي آهه اجان چٽنگ وڇوڙي-رڪ ۾
ٻانهن ڇو ڇڪ لڳائي پئي تنهنجي ٻڪ جي؟
ڇا نہ ايندينءَ ڪڏهن تو وري ٻيهر ٻڪ ۾؟
چَنڊَ جڏهن گم ٿي وَئي آنهه اونداهي رات ۾!

جيءَ ٿا جهولٽي جئن جُهلن واءُ ۾،
ٿي نٿي ۾ ڏکڻ هير جيئين اچي
ٿا ڀونر کيترا ئي ڀُلن واءُ ۾
ڳلّ رابيل وانگر کُلن واءُ ۾
ڏس ته ڳيرو پپيا کئن رُلن واءُ ۾!
ٿي نظر کنهنجي تصوير جيئين اَچي
ڇاتيون کيتَ ۾ تيون ڇُلن واءُ ۾،
جيءَ ٿا جهولٽي جئن جُهلن واءُ ۾!

هن طرح دِل نہ وندراءِ منهنجا پرين!
درد جي رات آ، درد جي ڳالهہ ڪَر!
ڇو نہ اڄ رات تون درد جا گيت ڳائين؟
مات جي رات آ، لڙڪ مُنهنجا اُگهين؟
مون نہ سمجهو تہ تون ڪيئن ٿو تهڪ ڏين!
سُرخ ڪَهڙو؟ ڪٿي؟ زرد جي ڳالهہ ڪَر
آنءُ پورا اڳيئي، پيو تون پڇين!
هن طرح دِل نہ وندراءِ منهنجا پرين!

تا لُڏن ڪارا ڄمون جيڪي پيا طوطا ٽُڪن،
اوچتو برسات جون بُوندون وڻن تي ٿيون وَسَن،
لوءِ ڪي لهسائيو هو هيل چوڏاري لُڪَن،
تاس پنهنجي جڻ ٻُجهائي ڪاڻ ٿي پاڻيءَ ٻُڪَن،
لُوءِ ايڏي جو اواڙي ڏور تا هَر هَر ڏُکن!
اوچتو ئي اوچتو تا اُڀَ مان سانوڻ سمن،
اوڙڪون ٿي آءُ ڪيسين هر طرف جر تر سُڪن!
تا لُڏن ڪارا ڄمون جيڪي پيا طودا ٽُڪن!

تون ملين ها تہ اڻين پيار ڪيان ها توسان؟
پيارَ جي لاءِ جُدائي تہ بُري ڪانہ آهي!
تو اَچي ياد سندءِ رَنگُ گلابي گُل جان!
توکي جنهن وقت ڏٺو آنءُ چِني تاريءَ مان،
رنگ و بو تُنهنجي سدا لاءِ مون سمجهي جانان!
وقت جئن ڪابہ مگر تيز ڇُري ڪانہ آهي،
ڪينرا روهَ رُليا آنءُ جدا ٿي توکان!
تون ملين ها تہ اِئين پيار ڪَيان ها توسان؟

اڇين، اڇين، نہ اڇين مان پيو نهاريندس،
جيئن ڪجورُ ڇَڙيون چنڊ لئہ هَٽي پيئي،
ملينءَ نہ تون تہ ڪڏهن باهڙي نہ ٻاريندس،
سڪر جاسيءَ اِئين تو سوا گذاريندس،
اُداس گيت ڇَئي پيار لئہ پڪاريندس،
سِرنهن-اُماسَ اُتر-واءُ ۾ ڇَڙي پيئي
بسنت-چنڊ پيو بار بار ساريندس،
اڇين، اڇين نہ اڇين، مان پيو نهاريندس

ڪو حياتيءَ جو پتو ناهه تہ ڪنهن وقت ڪُٺي!
جو بہ لِڪٽو تي لکي ونّ، هلي تي، جيئين!

ڪيئن چئجي تہ ڪتيندي تِي ڪڏهن تندُ تٽي!
موه جي چار مَنجهان ڪوئي ڇُٽي يا نہ ڇٽي!
اُجَ جيِ سينگ لڳاتارِ پئي تِيرُ ڇُٽي،
مَن تہ آ رُڃّ-هَرَڻ، پَر ڏسي ڀتڪي ڪيئن؟
ڪاش، ڪنهن وقت ڪتي نور جيان نهر ڦُٽي!
ڪو حياتيءَ جو پتو ناهه تہ ڪنهہ وقت ڪُٺي!

رات جي وقــت تِڪــي آءُ چَڪــوريءَ وانــگــر
گيت ٿو چنڊ جيان اڄ پئي چمڪي منهنجو!
تـون مـتـان دير ڪـريـن ننـڊَ نـڊوريءَ وانـگـر!
ڪاش! مون ڏانهن اچين لونءَ ۾ لوريءَ وانگر،
ڏِس نـہ درياھہ ڪڏهن گهاٽ تي گوريءَ وانگر!
مـان مـجان ٿـو تـہ گـهـڙيءَ لاءِ گـهَڙو ٻـوڙي ٿـو،
ڪنهن اَمرتا نہ مِلي جيءَ جي جهوريءَ وانگر،
رات جي وقــت تِڪــي آءُ چڪــوريءَ وانــگــر!

ياد آئي پَئي ڪلهه رات چو چنبل گهاٽِي؟
تانتيا ڪالهه هُيس آنءُ اِهو ڪئن چئجي!
مون جڏهن سارَ جي ڪنهن وقت ولوڙِي ماٽِي
جُهڙ ٽيا مُنهنجي انڌيري ۾ هزارين جهاٽِي،
وِڄ وانگر مون سڄي واٽَ حياتي ڪاٽِي،
مون کي ڪنهن وقت هو تِر ٽانءُ، اِهو ڪئن چئجي!
يا گهٽائن ۾ سندمر سار پَئي گهُوماٽي؟
* ياد آئِي پَئي ڪلهه رات چو چنبل گهاٽِي؟

* چنبل گهاٽي – دليءَ کان اُتر پرديش ڏانهن ويندي هڪ گهاٽي، جنهن ۾ ڌاڪن جو آستان آهي ۽ جتي تانتيا ٽوپي انگريزن سان وڏي جنگ جوٽي هئي.

اهڙي دولت تہ ڪلاڪار کي ملٺي ناهي،
جسم آزاد هجي روح بہ آزاد هجي!
هونءَ دولت تہ رڳو ڌوڙ آ، دولت ڇاهي؟
”زندگي ڪوڙ آهي“، موت پيو ٺو باهي،
جستجو جيءَ ۾ جنهن وقت بہ جنهن کي چاهي،
تنهن پنيان پنڌ پئي، پنڌ رڳو ياد هجي؛
لڪّ تي لڪَ هجي، پوءِ بہ ڪر هو ڪاهي،
اهڙي دولت تہ ڪلاڪار کي ملٺي ناهي!

ڳالهڙيون تنهنجون ائين سونَ لَڙهين جان آهن،
پو بہ ڀانيان ٿو لِڪائين پَئي هيرا ڪيئي!
آزمائن ٿيون پيون ڪيرِ ڪِٿي بيٺا هِن،
سوچَ جا ڳُهنج سنڌءِ نِرڙ مٿان ٿا ٻاهِن،
آنءُ ڀانيان ٿو اچا مون ڪي ٿا ڪوٺڻ چاهن،
اصل جا ڳالهہ هُئي چو نہ پَڌر سا پيئي،
ٻولڙيءَ منجهہ اِشارا پيا ڪاڏي ڪاهن؟
ڳالهڙيون تنهنجون ائين سون لڙهين جان آهن!

رات مون ساڻ اگر جاڳين تون
چنڊ جي ناوَ ۾ تاريان توکي.
دور آڪاس سڄو جهاڳين تون
’نانهہ‘ سان نينهن وري واڳين تون
جڳ ّ کي جوٺ چئي تياڳين تون،
گيت جي جيت ڏياريان توکي
ڏات مون ساڻ اگر واڳين تون!
رات مون ساڻ اگر جاڳين تون!

تون ڀِيون جهولَ ڀري نينگرڙي
دور ڪيڏانهن وڃين ٿي ڀيئي؟
ڳجّ تي ڀرت ڀري نينگرڙي
واندِ ۾ سانجهه ڪَري نينگرڙي
۽ ڇِيڙَ چار تَري نينگرڙي
اڄّ جيڏانهن وڃي ٿي ڀيئي
ڀنڌ سو آهه ڀَري نينگري،
تون ڀِيون جهولَ ڀري نينگرڙي

گيت برسات جيان ڪالهہ گگن ڳايا ها
انت ڪان پارِ صدائن مان هليو آيو هوس.
ڀيو تہ مايا هو پيلا گيت بہ سڀ مايا ها؟
هو ٺهوڪا جي ڇِڪي مورٽيون آيا ها؟
۽ ٽتي ڏينهن ۾ روهيڙا رڳو ڇايا ها
جن جي هينان مان گهٽائن مان هليو آيو هوس؟
ساٿ سانوڻ ۾ هُو سَرتيون نہ هيون، سايا ها؟
گيت برسات جيان ڪالهہ گگن ڳايا ها.

هبرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي
ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اچن.
تي اڱڻ ۾ چاندني توڙي آلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو ٿي سَلي،
وارَ کولي، ڳُجهہ ۾ پنهنجي ڳلي،
هو ڪٿوريءَ جئن الا ڇا ٿا اچن!
جهومندا ڪارين گهٽائن جئن، بَلي!
ڪيئن چئجي ڪير؟ پاڇا ٿا اچن!

هَر تصور کي بنا ڏوهہ اُجاڙي ويئين ءَ
تون تہ هر چيزَ کي ويران ڪَري، وئي آهين!
چاندني سَروَ صنوبر تي پڇاڙي ويئين ءَ!
چَنڊَ کي دور گهٽا ۾ ڪٿي تاڙي ويئين ءَ
گُل تہ زنجير هيا پو بہ لتاڙي ويئين ءَ
هر تبسم کي بيابان ڪري وئي آهين
تو بُڏايو بہ نہ ڪنهنجي پئي پاڙي ويئين ءَ!
هَر تصور کي بنا ڏوهہ اُجاڙي ويئين!

عشق جي لاءِ جوانيءَ جي ضرورت آهي؟
عشق پيريءَ ۾ اڃي ڪان بہ چڱو ٿيندو آ
مُنهن انڌيري ۾ ڪَئي چنڊ محبت آهي
چنڊ ناريل مٿان صرف صداقت آهي
پو بہ نيرو ٿو چِڪي پيار ۾ حيرت آهي
ٿو چوي ڪيرُ تہ پيريءَ ۾ بُرو ٿيندو آ
عمر سان عشق ۾ ڏس ڪيڏي نفاست آهي
عشق جي لاءِ جوانيءَ جي ضرورت آهي؟

چٽي، ڪڏهن بہ چَٽي، عشق ڳُل جيان آهيَ
اَچين، اَچين نہ اَچين، دَر تہ پوتجي ويو آ!
اڳي جيان نہ هِتي ڪابہ آجيان آهي
ندي اُئين ئي اڳي جئن رَوان دوان آهي
اُنهيءَ تي بَڙ جو هيو سوڪَڙو اجان آهي
اگرچہ هاڻ اڱوٺو ڪَپر بُڏِي ويو آ
نہ ڳولِ گهات اَڳيون، سير ۾ ڪٿان آهي!
چَٽي، ڪڏهن بہ چٽي، عشق ڳُل جيان آهي.
چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو آنءُ لَڏَڻ چاهيان ٿو؟
چا نہ ڳُل مَهر مٿان چاندني پياري آهي!

چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو ڏيهه ڇڏڻ چاهيان ٿو؟
تنهنجي نگريءَ ۾ نئين واند اَڏڻ چاهيان ٿو،
سَڏَ پـولار ۾ ڪـنـهـن لاءِ سَڏڻ چاهيـان ٿـو،
ٿـي وَسـي ماڪ مـٿان راتـڙي پـيـاري آهـي!
نئن جيان گيت گهٽائن ۾ گـڏڻ چاهيان ٿو
چَنڊَ! ڪنهن توکي چيو آنءُ لَڏڻ چاهيان ٿو؟

نہ آئينءَ، نہ آئينءَ، نہ آئينءَ تون
اَلا! چانـدنـي رات گُذري وَئـي!
نہ گُل مَهرَ تِي ڳَلِ لڳائينءَ تون
نہ رابيـل سان جيءُ لائينءَ تون
نہ اڳ جئن ٿَري ڳيچ ڳائينءَ تون
وَري ڀي بہ برسات گُذري وئي
ڪٿي مورٽيون تي چُپائينءَ تون
نہ آئينءَ، نہ آئينءَ، نہ آئينءَ تون!

تـــون آئُ، هـــلـــي آءُ، هـــلـــي آءُ، هـــلـــي آءُ!
تـيـون چَنـڊَ ڳلـيـون روز سـنـدءِ پـيـرَ نـهـارن.
تون نـانهہ تہ ٿو چَنڊ جيان روز چِڪي گهاءُ!
تـون نـانـهہ تہ هـر رات ٿـڌا سـاهہ پـري واءُ!
تون نانهہ، سڳنڌون نہ ڏِين ڪالهہ جيان ساءُ!
ڦـــولارجي وَڻ ٿـــا پـــيـــا چَوَڦـــيـــر نـــهـــارِن
ڇا لاءِ وئـــي آنـــهـــہ ڪـــســـي چنـــڊ ڳِلـــين چاءُ؟
تـــون آءُ، هـــلـــي آءُ، هـــلـــي آءُ، هـــلـــي آءُ!

تو لاءِ ٽڙيا گُل تہ تيون ڪيئي سڳنڌون،
تيو جاڙُ پنيرڪو تون پلي آءُ، پلي آءُ!
تولاءِ پره-هير ڏسي تي پئي واتون،
تولاءِ گلابن تان تڪن ماڪ جون بُوندُون،
رابيلَ پُچن تا تہ ڪتي دير ڪئي تون؟
هي ڪڏئي بيتاب هلي آءُ، هَلي آءُ!
ڏس بانهون وڌائن تيون پيون باک جون ريکُون
تو لاءِ ٽڙيا گُل تہ تيون ڪيئي سڳنڌون!

هزار رنگَ سنڌءِ ڪائنات آ سائينْ!
حياتِي سانجَهہ لٿي جٺن سَمنڊ ۾ ٻيڙي!
خبر نہ آهہ تہ ڇا ۾ نجات ٿو پائنئين!
جڏهن گلاب ڦُٽن، ٿو هوائون هِرڪائين،
اُنهن جي خوشبو کي ٿو دور دور ڦهلائين،
اُها وجي ٿي جِئين ڪا ڳُهمنڊ ۾ ٻيڙي
سَرءُ جي ڪُنّ ۾ تون نيٺ پَنّ ڦيرائين!
هزار رنگ سنڌءِ ڪائنات آ سائين!

سارَ کي سِٽّ تيڻ لاءِ ڪيئي سالَ ڪَپن،
سِٽَ ڪنهن سَمنڊ مان ڇوليءَ جيان اُڀريَ تي اچي!
جيءَ جهنجهوڙ ڪپن ۽ ڪيئي جنجال ڪَپن،
مَٽّ موڪيءَ جا ڪُلن، مَڌ جا پِلا پالَ ڪَپن،
شاعريءَ لاءِ نوان نينهن-مَهيوال ڪپن،
سِٽّ سُهڻيءَ جيان درياهه مان اُڀري تي اچي!
سِيرَ ۾ ڪيئي ڪَتيون، جوتِ جا ڪَنمالِ ڪپن،
سار کي سِٽَ تيڻ لاءِ ڪيئي سالَ ڪَپن!

عيد آئي تہ وَري ياد سنڌ آئي آ
تو سَوا چَنڊ اڪيلو ٿو لڳي چڻ مون کي!
ڪيڏي قالين جيان هينئان ڇپر سائي آ!
موٽرون، شور، مگر پيهہ ۾ تنهائي آ،
تون ڪٿي انهہ پرين؟ اڪّ ڦري ڏائي آ
ويجهو تنهنجو ڪٿي پيرو ٿو لڳي چڻ مونکي!
مان ٿي آرهو ٿو لڳان ڪيتري سرهائي آ!
عيد آئي تہ وَري ياد سنڌ آئي آ!

ڪا خبر ناهہ تہ ڪنهن وقت چئي موت تہ ”هَلُ!“
ڪُوچَ نَقارو ڪڏهن نيت تہ وَڄڻو آهي!
پِيهہ ۾ موتُ اَچي ۽ چئي، ”تولا ڇَڏ، تَلُ!
”تون رڳو نانهن، زمانو تہ پَلئون تي آ پَلُ“
مان نہ ڄاڻان تہ تو ڪنهن وقت ڪُتي هِت اَنَ جل!
جاءِ ڪا ناهہ جتي موت ڪان پڇڻو آهي.
آ غنيمت جو حياتيءَ جو مليو آ پيو پَلُ
ڪا خبر ناهہ تہ ڪنهن وقت چئي موت تہ ”هلُ“!

تي ٽٽي، شام، ڪَجل پائي آڪيون ڪاريوُن ڪَن،
ڳيچ ٻَائن تيون تہ گهر تو نہ لڳي گهَر وانگر!
تي مٺا ميڙ تہ تيون ناچُ سَڪيون ساريون ڪَن،
لَڄَ لاهي پوءِ اها سوچ پيون ڪُنواريون ڪَن،
راتڙيون ڪيئن پراڻيون ٿيون نيون ناريون ڪن
سڄ جي لِيڪ سان سر تو نہ لڳي سَر وانگر!
ڪيترو مَن کي پيون پنهنجي ککيءَ ڪاريون ڪَن!
تي ٽٽي شام، ڪَجل پائي اکيون ڪاريون ڪَن.

مون چتائي جو ڏنا ڦٽَ پُراڻا تَنهنجا،
تُنهنجي نفرت کان سوا تِن جو سبب ڪونہ هيو.
ڦَٽَّ هِي نيت چُٽن ڪيئن اياڻا تُنهنجا!
هاءِ نفرت ۾ گِهريل سارا گهَراڻا تُنهنجا!
پيار کان وَنءُ تا وجن جيءَ جڳاڻا تُنهنجا،
تنهنجو نفرت کانسواءِ ٻيو ڪوئي رَبُ ڪونہ هُيو
ٿيون صديون، پوءِ بہ شعلا نہ وساڻا تُنهنجا.
مون چتائي جو ڏنا ڦٽَ پُراڻا تنهنجا.

خدا جي راهہ ۾ ڏس ڪيتريون ڳليون آهن،
اگــــرچہ آنءُ رڳو شــــاهــــراهــــہ ورتــــي آ!
خدا جي راهہ ۾ ڪيئي سڪيون مليون آهن
گـهـڙا سِرن تي رکـي تـورَ سـان تليـون آهـن،
قـدم قـدم تـي ڏسِي ڪنـڍ ڪي ڪليوُن آهـن
لــهــولهــان گــل و گــلــزار جيـئـن ڏرتــي آ
اُنـهـن ڏنـو نـہ ڪـتـي ڪـيـتـرو ڇليـون آهـن!
خُدا جي راهــہ ۾ ڏس ڪـيـتـريـون ڳـلـيـون آهـن!

خدا جي چوندڊ نہ ڪَر، پاڻُ ڇا نہ ٿي پيارو؟
خدا سان عشق ائين، جيئن رقص خنجر تي!
ٻُڌي ويام سيپيئي، ڪِٿي ڪِتي تارو
ڏئي تو ڏيکُ، تہ ڏيکارجي پيو چارو.
خدا جي راهہ جيان نانهہ ڪوئي نيتارو.
لهولهان ٿا وڃن پيرَ اُن مٿان پرتي،
هلين تہ آءُ ٻچيءَ ۾ ڪَري ڪڏهن ڳارو،
خُدا جي چوندڊ نہ ڪَر، پاڻ ڇا نہ ٿي پيارو!

ڪڏهن تہ شام ڪي آغوش منجھہ آڻي ڏس،
شفق جو رنگ لبِ يار جيئن ٿي ويو آ!
سَڏي ٿو ڏورُ، هَليو هَل، ڀُلي نہ ڀاڻي ڏس!
ڪڏهن تہ ڀاڻ ڀَري ڪان ڀَري اُماڻي ڏس!
’اياز‘ رنگ رَليون چار ڏينهن ماڻي ڏِسُ!
مگر سڻاءُ سڄو، چار جِيئن ٿي ويو آ
مَڇيءَ جيان پيو تڙڦين، ڪَنڌيءَ تي هاڻي ڏِس!
ڪڏهن تہ شام ڪي آغوش منجھہ آڻي ڏِس!

نہ ٻوڙ نيرَ ۾ ڪَپڙا ڌُلي نہ چَنڊ ڀوي
تہ هيءَ ڪير سندس خاندان مان آهي؟،
بَسنت هيرَ، مٿان ماڪ ٿي، پَئي برسَي،
اَسُر اجان نہ ٿيو آه، ننڊ آ ڀاڙي،
لڳي هَوا تہ مٿان ڳوٺ ۾ ڍنڍورو ڏي،
'اُتو، ڏسو هي پَريان آسمان مان آهي،'
انهيءَ طرح تہ ڳُجهي ڳالهڙي پئي ڦهلي!
نہ ٻوڙ نيرَ ۾ ڪَپڙا، ڌُلي نہ چَنڊ ڀوي!

ڪڏهن تہ آءُ سنڌءِ آرسي تہ آهيان مان!
پساءِ پاڻُ اِنهيءَ ۾ ڪڏهن تون چنڊ جيان!
اُداس ڪوهہ جيان تيرگي تہ ناهيان مان،
ڏِٺي چِلانگ نديءَ وانگيان تہ ڪاهيان مان
سوين ستارا پيو پاڻ سان وِراهيان مان
اچين تہ پاڻ پسايان مان ساري مَنڊ جيان!
وري سُجاڳ ٿي هرلهر سان نباهيان مان
ڪڏهن تہ آءُ سنڌءِ ارسي تہ آهيان مان.

اچو، پٿر کي تراشيون، ڪيون وري ظاهر
صديون ٿيون، ڪا هتي مورتي ڇُپي وئي آ
ڏسو! اننت-ڏياتيون، ٻري پيو مندر،
اچو ته پنڌ پَهڻ تي، لڳي پئي هوُ ٻرُ!
اچو ڪَلا تي انهيءَ تي ڪري جڏهن جهرمر،
تڏهن لڳي ٿو ته ڪا ڪامڻي سَتي پئي آ!
اچو پٿر مان انهيءَ کي ڇڪي اچون ٻاهر!
اچو، پٿر کي تراشيون، ڪيون وري ظاهر!

خبر اٿي تہ بہ چوٽيون جڏهن ڪرين پيئي،
سڏهن اٿين تہ لڳي نانگ ڪَن پيا لهرا!
برينءِ جي پارِ جڏهن پنڌ تون وڃين پيئي،
اٿين لڳي ٿو تہ تون واءُ جئن ڳهلين پيئي،
هوا ڪان تيزُ ڇَپر تان جڏهن ڇُلين پيئي،
تڏهن تہ ڪوبہ رڳي ڪونہ ٿو سگهي پَهرا!
اٿين سماج جا زنجير چو ڇنين پيئي.
خبر اٿي تہ بہ چوٽيون جڏهن ڪرين پيئي،

چَري! هي عشق جو اِقرار ايترو جلدي،
اَجان اَٽي تہ سندس ڪانہ آ کُٽي دل ۾!
اَڙي! هِي پيار جو اظهار ايترو جلدي!
دلين جي ٿي نہ خريدار ايترو جلدي!
اکيون اِئين نہ ڪجن چار، ايترو جلدي!
اجا تہ چيتِ رڱو آهہ ڪا ڇتي دل ۾،
ڪيو ٿي ويچ جو ويچار ايترو جلدي!
چَري! هي عشق جو اِقرار ايترو جلدي

هيرَ ۾ ڪا ڳالهڙي پيئي هَلي،
ڪيئن چئجي ڪيرِ! پاڇا تا اَچن
تي اڱڻ ۾ چانڊني توڙي اَلي،
آ سِرنهن خاموش، خوشبو تي سَلي،
وار ڪولي، ڳُجهه ۾ پنهنجي ڳلي
هو ڪشوريءَ جئن الا ڇا تا اَچن.
جهُومندا ڪارن گهٽائن جئن، بَلي!
ڪيئن چئجي ڪير! پاڇا اچن.

چا ڪوئي ڳل تو نمودار ٿئي مقصد سان؟
چا شفق تي ڏئي پيغام بہ ڪوئي ڪنهن کي؟
ڳل تي پوپٽ تو ڪڏهن ڦيرا ڏئي مقصد سان؟
رنگ و بو مان تو ڪڏهن سُرڪ پئي مقصد سان؟
حُسن بي لاءِ تو ڪڏهن وقت جئي مقصد سان؟
حُسن آ عشق جو انعام، ملي تو جنهن کي
تنهنجو اُن ساڻ نہ تو پيارُ ٿئي مقصد سان؟
چا ڪوئي ڳل تو نمودار ٿئي مقصد سان؟

سـيءَ جي رات، پئـي بـاهـ ٻري سگ يءَ ۾،
آءُ، هَٽ سيڪِ، سُيان تائين هجون يا نہ هجون!
يـارِ جو گـرم بـدن چا نـہ وٺـي ٿـو سـيءَ ۾!
هـئـن ملي يا نہ مِلي پـيـارُ حـيـاتيءَ ڀـيءَ ۾،
ڪجهہ تہ ڳالهاءِ پـريـن جو بہ اَچيئي جيءَ ۾
تون ڇڏي ڇيڪِ، سُيان تائين هجون يا نہ هجون!
ائن نہ ڇئجانءِ ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ آ ڏرتيءَ ۾!
سيءَ جي رات، پيئي باهہ ٻري سڪريءَ ۾.

سِرنهن ڦُلار ۾ آهي، اجا نہ ايندينءَ تون!
شفق زمين تي پيلاڻ ٿي وئي تنهنجي
هوا خمار ۾ آهي اجا نہ ايندينءَ تون؟
بدن اُڏار ۾ آهي، اجا نہ ايندينءَ تون؟
تڏهن کان پيار ۾ آهي، اجا نہ ايندينءَ تون؟
هن کان ساهہ ۾ سرهاڻ ٿي وئي تنهنجي،
اُفق نهار ۾ آهي، اجا نہ ايندينءَ تون!
سرنهن ڦُلار ۾ آهي، اجا نہ ايندينءَ تون!

* ڪڏهن ڏنو تي پريان لوءِ جي پريان لوسڻ
نمي هوا ۾ نسورو سلام تيندو آ!
ڪجين تي هونءَ تہ ايڏو وٽيو پئي سانوڻ
وهين ڪي واءُ ۾ جيڏو لڳو پئي ڏانوڻ!
ڏکڻ ڪان هير گُهلي ايتري تہ مَن - پانوڻ،
جئين پري ڪان پرينءَ جو پيام ايندو آ
هيون اٿين آ جئين ڏوپجي ويو وڻ ٽڻ،
* ڪڏهن ڏنو تي پريان لوءِ جي پريان لوسڻ

* پريان لوءِ: پريالو، خيرپور ضلعي جو هڪ ڳوٺ.

شفق جي رنگ ۾ ڏس هو، ڳِدامڙيءَ جو وڻ،
انهيءَ تي ڪيترا ڇيڄا اڇي مِڙيا آهن!
انهن جي گيت ۾ ٻَن ٻَن ڳِنار آهي جَڻُ!
انهيءَ جي ساهه ۾ گرجي پيو ڪوئي ساوَڻُ،
اتيو آ ساهه ُ ٻَتي ڇانوَ ۾ ردن جو ڏَن،
ڏراڙ ٻُوٽ وچن تا، اُتاما تا آهن،
اَڇي تو مينهُن، وُنو جي ته دورُ آ واهڻ،
شفق جي رنگ ۾ ڏِس هو ڳدامڙيءَ جو وَڻ!

پـرَي پرِي کـان پرِيـن تـون نـظـر اچين پـيـئـي،
ڪڏهن ڪَتيءَ جي ڪڪر جهڙ ڇُپي وڃين ٿي تون!
شـفـق جي شـام جيـان جهڙ تـہ ڏيـک ڏيـن پـيـئـي
لـڳن تـا وارَ گـهـتـائـون. جڏهـن وڃين پـيـئـي،
سـرءُ سـان پـيـارُ ڪَري. سـجَ کـان لـڪين پـيئـي،
لـهـي ٿـي رات تـہ رُويـا جيـان لـڳين ٿـي تـون
اُداس آهـہ انـڌيـرو. ڪـٿـي وسـين پـيـئـي؟
پَري پرَي کـان پرِيـن تـون نـظـر اچين پـيـئـي.

لڳي ٿي لوءِ، ڪجين م پچن پيا ڏوڪا،
تپي وئي آ سڄي لوءِ اڄ نہ جهولي سان!
ڪَڪر اچن ٿا، وَچن ٿا رُڳو ڏئي ٽوڪا،
پئي نہ بوند ڪٿي هيل تائين آ چوڪا؟
سِرَن تي سِڄُ مٿان ٿو هٽي پيو ڪوڪا،
هَلو تہ گهر ڪي پُڄون، الامانَ روڻي ڪان!
ائين ٿتا نہ ڪڏهن ڏينهن جيئن هيلوڪا،
لڳي ٿي لوءِ، ڪجين م پچن پيا ڏوڪا.

چَنو نہ چانوَ، رڳو ڪانوَ سي بہ سپ پياسا،
لڳي تي لُوءَ، جهلن تيون پيون ڪنديءَ ڪامون!
وَري وَساءِ اسان تي ڪڏهن تہ چوماسا!
ڪَٿا بہ ڪونہ رهيا جوءِ ۾، ڪٿي ڪاسا!
ڪسي بہ ڪانہ رهي آ، سُڪي وئي آسا
* پگهر ۾ هيل شرابُور ٿي ويون شامون
ڏسين ٿو واهٽي سارا اُداس، اُٿاسا؟
چَنو نہ چانوَ، رڳو ڪانوَ سي بہ سپ پياسا.

---

* [illegible] سمنڊ.

خبر نہ آھہ تہ تولئہ اُداس آھيان ڇو؟
ٻہ ٽي دفعا تہ ملي آنهہ سانوٽيءَ وانگر!
تون منهنجي ٿي نہ سگهين ٿي اهو ٻہ سمجهان ٿو،
مگر اچين ٿي تہ تنهنجين اکين ۾ اَمجهان ٿو!
سبب نہ آھہ تہ هٿن توکي آنءُ چاهيان ڇو؟
رڳو تون نانهہ سکي چيٽ-چانڊنيءَ وانگر!
جوان ٿو توسان پلا نينهن مان نباهيان ڇو؟
خبر نہ آھہ تہ تو لئہ اُداس آھيان ڇو؟

پوي ٿو مينهن، ڳلن تان پيون ڦڙيون ڇلڪن،
پرينءَ جي پاسِ رهي ساوڻيون گذاريون مون!
ٿيون رهگذار تي ڇاتيرن هزار ڇَل ڇَل ڪَن،
اگرچہ مون کي ڏکي آ ڇڏيو پرينءَ پلَڪن.
ٽلور جيئن پيا آدمي هتي ٽلڪن،
ڪٽيون جي توسان نہ سي راتڙيون وساريون مون،
اڄن ٿيون ياد جيئن جهڙ جهمن، ڪٽيون جهلڪن!
پوي ٿو مينهن، ڳلن تان پيون ڦڙيون ڇلڪن،

ڪڏهن تہ آءُ لهي آءُ چانڊنيءَ وانگر،
ڪڏهن تہ آءُ گهرن تي اُداس اوندهہ آ!
ڪڏهن تہ آءُ گلابن جي تازگيءَ وانگر!
پرهہ جو مينهُن وُٺو آهہ شد عريءَ وانگر!
ڪڏهن تہ گهرَ ۾ گهري آءُ زندگيءَ وانگر!
پپل جي ڏارَ مٿان جن پکين جي چهہ چهہ آ
لنوي نہ لات اُنهن تُنهنجي ٻولڙيءَ وانگر!
ڪڏهن تہ آءُ. لهي آءُ چانڊنيءَ وانگر!

ڏسـهـري شـام رهـي آ نـہ رنـگُ هـولـيءَ جو
سـنـدن گهـرن ۾ سـڄي زنـدگـي بـدلجي وئـي!
پُڇان تہ ڪنهن ڪان پڇان آنءُ نانءُ ڳانڌيءَ جو!
ڏيـان تـو سَنڌُ اَهـنـسـا ۾ آجـڪـائـيءَ جو،
اجان تـہ آنءُ ڪَوي هـان وِشـال ڌرتـيءَ جو!
ويـا جي گـورا تـہ ڇا دُرگـتِي بـدلجي وئـي؟
جواب تـنـهـنـجي ڪـي جڻ ويس آ نـنـوليءَ جو!
ڏسـهـري شـام رهـي آ، نـہ رنـگُ هـولـيءَ جو!

خبر نہ آهہ تہ ڪهڙي لڳن لڳائي وَئينءَ
خبر نہ آهہ چو ڳوڙها اچا سُڪا ناهن!
هتان وَئينءَ تہ سندم ڇَئن چو تڳائي وئينءَ؟
انيڪ ٻول سندم ساهہ ۾ سمائي وئينءَ
اکين سان گيت سڪي ايترا تہ ڳائي وئينءَ
جو شعر مينهَن جيان هٿن اڳي وَنا ناهن
* لڳي ٿو جيءَ کي جل-مٿ جيان ٻڏائي وئينءَ
خبر نہ آهہ تہ ڪهڙي لڳن لڳائي وئينءَ!

* جل-مٿ - آفاتي سيلاب

زندگي آ سَوين امڪان نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!
ڪيئن چئجي تہ ڪڏهن مينهُن ڀنا ٻوڙ وَسي!
تا اَچن ڄڻ ڪيئي طوفان نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!
هي نئين دؤر جا انسان، نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!
جيڏا دانا تيڏا نادان، نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!
ايترو بغض متان نيت سندن مَتِ ڪسي!
تي وڃن جنگ جا اعلان نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!
زندگي آ سَوين امڪان نہ ڄاڻان ڇا ٿئي!

گلاب جيئن ٽڙي هانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
ڪڏهن تہ آءُ وَري تون مجاز تي مون وَٽ!
ڄَپي ٿو چَنڊُ سنڌءِ نانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
نہ ٿاڪ تُنهنجو نہ ڪي ٿانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
لنوي ٿو نمرُ مٿان ڪانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ
اگر تون آئينءَ تہ رهندينءَ راز تي مون وَٽ
ڏنو آ ڏات اهو ڏانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟
گلاب جيئن ٽِڙي هانءُ، او ڪڏهن ايندينءَ؟

ڪڏهن تہ چانوَ ڪري وَج اسان تي بادل جان
چَمر جي چاتَ! ڏسن ٿيون پيون اکيون تو ڏانهن.
ڪڏهن تہ آءُ، اچي ويهہ تون ائين پرسان،
جِئين بسنت اچي، موتيا ٽِڙن تومان،
متان سُڳنڌ جيان تون هلي وڃي پَرتان
گُلن تي ماتَ! ڏسن ٿيون پَيون اکيون تو ڏانهن
نہ لاتي آس نما شام تائين آهہ اَسان!
ڪڏهن تہ چانوَ ڪَري وج اسان تي بادل جان

اڃا تہ ڪيئي گهٽين ۾ گُهلي نہ آهين تون!
بسنتَ هيرَ! ڀلا مون ڳري ڪڏهن ايندينءَ؟
سدائين پيئي نوان رهگذار چاهين تون!
سَچي ٻُڌاءِ! ڪٿي منهنجو وهم ناهين تون؟
سدائين چنڊُ چمين ٿي، سدا اُتاهين تون
سڳنڌَ سِيرَ! ڀلا مون ڳري ڪڏهن ايندينءَ؟
اڃا تہ آنهہ پرينءَ وانگيان پرانهين تون
اڃا تہ ڪيئي گهٽين ۾ گهلي نہ آهين!

شــبِ بــرات آ، تــارا مــٿــان پــيــا ٽــمــڪــن
گهرن ۾ ڏيئڙا ڄڻ تُنهنجي آجيان ڪَن ٿا!
اڃا تہ جيءَ ۾ ڪجهہ آسرا پيا جهمڪن
اڃا اکين ۾ پيا تنهنجا پيار رم جهم ڪَن،
اڃا تہ ڳالهڙيون ڇَير جئن پيون ڇمڪن
سَرن تي سِيئڙا ڄڻ تنهنجي آجيان ڪن ٿا
ٻَرن ۾ هنج لڪي ٿا ڪڏهِن ڪڏهن ڇمڪن
شــبِ بــرات آ، تــارا مــٿــان پــيــا ٽــمــڪــن.

رات جي رات خرابات ۾ گذري ويندي،
ڏس، دريچي مان لڳي چنڊ ٿو ڪيڏو پيارو!
زندگي تُنهنجي ائين ذات ۾ گذُري ويندي
ذات سان جڻ تہ ملاقات ۾ گذري ويندي،
جي ڪڏهن پيرُ، خرافات ۾ گذري ويندي،
آدمي ذات، سڄو شهر اندر جو ڪارو
هر گهڙي تُنهنجي سندس گهات ۾ گذري ويندي،
رات جي رات خرابات ۾ گذري ويندي.

---

* دريچو (فارسي): ننڍي دري.

وڃّ، ميان وَڃ! اسان لاءِ تہ ڪُجھہ ناهين تون
آ وئـي آگ وسـامـي تـہ رڳي رک آهـي.
ڪو پتو نانھہ تہ ڪيڏانهن پيو ڪاهين تون!
منـزلون دور ٿـيون، پيرَ نـہ ٿو ساهين تون
ڇا اِهـا ڄاڻ اَٿـي ڇا ٿـو پـيـو چاهـين تـو؟
تُنهنجي جا ڳالهہ بہ آ ڄڻ تہ رڳو ڄکَ آهي
هي نئون دؤر اچا ڪونہ ٿو ساڃاهين تون،
وڃ ميان وَڃّ، اسان لاءِ تہ ڪجھہ ناهين تون.

سدا گُلاب هوا ۾ تڙي پيا آهن
تي سارَ تُنهنجي اچي، چڻ تہ جُهڙ جهمن تا پيا!
انيڪ خواب اکين ۾ ڪِڙي پيا آهن
لڳي تو ڪوهہَ گهڙيءَ ۾ گِڙي پيا آهن
وَري پياڪ مَتن تي مڙي پيا آهن
نوان شراب انهن ۾ وري سُجهن تا پيا
مِجان تو پي ڪَري ڪيئي تڙي پيا آهن،
سدا گلاب هوا ۾ تڙي پيا آهن.

اجا تہ ڀيو بہ پيارينم، پياس ڪانہ ٻُجهي،
ڪلال! پرکَ پيا ڪن جي ڪانہ آهي تو!
لهي تو سجّ، وَهي وقت جي ندي پيئي،
شرابِ ناب سجي ڪائنات تي ويئي
اجا خُمار تيو نانهہ. جامَ ڏي ڪيئي
اجا تہ مَدّ متن ۾ سندءِ نہ آهہ ڪُتو
اجا پيار، اجا ٻي، پَري پَري ٻي پي!
اجا تہ ڀيو بہ پيارينم پياس ڪانہ ٻجهي.

جامشوري جي هوا ۾ پَن اڏامَن ٿا پيا
ٻاڪ ٿائين آنءُ تُنهنجي راهہ ڏسندو ٿو رهان.
صبح ٿيو آهي، صنوبر رات مون سان جاڳيا
ڪلهہ جيان چوڏار ڇَهہ ڇَهہ ۾ پرندا ساڳيا
ڪيئن ڇئجي ڪيترا اڄ عشق ۾ اوجاڳيا!
ڇا چوان، تو لئہ تڪيندي سُورَ ٿو ڪيڏا سَهان
* ڪيئن ڇئجي، تون بہ مون لئہ رات جاڳين آ پِيا
جامشوري جي هوا ۾ پَن اُڏامن ٿا پيا.

* پِيا: پرين

اجا تہ ويھہ! ڏوپھرو ڪري پلي وڃجانءِ!
اجا تہ آھہ تَتيءَ تاءُ، تي ٻَري واري!
پَلي پَلي تون پريءَ پارِ راتِ تانءِ ٽِجانءِ،
پَري نہ آہ ھتان پنڌ، پونءِ ايندءِ پانءِ!
اُتامرو تہ نہ تي، واٽَ تو سَنئين سليانءِ،
پلي مَھار چِڪي ڏِس، جڏھن نري واري
جڏھن پڄين تہ سِين کي سندم سلام ڏجانءِ!
اجا تہ ويھہ! ڏوپھرو ڪَري پلي وڃجانءِ!

ڪڏهن تہ آءُ تَپُون شام وقت لوڙهي تان،
ڪڏهن تہ آءُ افق پار مون سان ڊاہو ڪَر!
ڪڏهن تہ آءُ پڄون مَرض، موت، پيريءَ ڪان!
ہ تي گهڙيون تہ گذاريون وري ڪويتا سان!
ڪڏهن تہ آءُ پريون ڏُکّ ڪي اَمرتا مان
ڪڏهن شفق ڪي او اونار جهاہو جهوُڙو ڪر!
ڪڏهن تہ ڪاهہ تون ڪَرهو پري پري هِتڙان!
ڪڏهن تہ آءُ تپون شام وقت لوڙهي تان!

اَچو، اَچو تہ اِئين آسمان ڦيرايون
ڪُنيَر چَڪيءَ تي نوان ٽانوَ ٽو جِئين جوڙي!
اچو تہ اڳ ۾ رڳو آدميءَ کي بدلايون!
اچو، ڌڪار سندس جيءَ مان ڌڪارايون!
اچو تہ پيار جا پهراڻ ڪيس پارايون!
گُلن جي ننڊ ڦٽائي، هوا ۾ ڪَر موڙي
بسنتَ هيرَ جيان گيت ڪي نوان ڳايون!
اَچو، اَچو تہ اِئين آسمان ڦيرايون!

جھــانُ نــنــڊ ڪـري، آنءُ راتـــڙيـــون جاڳان،
ڀُڄي ڏسين تـہ پـلـي چَنـڊَ ڪـان پـڇي ڏِس تـون!
سِرنـهـن سـان تـيـڪ ڏئـي، راهـہ ڏي نـهـاريـان مـان
سڳـنــــڌ لاءِ پــــيــــو واٽ آنءُ واجهــــايــــان
ڪـتـي اچين تـہ نــہ تــي؟ پـو اُداس تـي سـوچـان
ڪڏهن تہ پيار ۾ ڪنهن لاءِ هئن لُڇي ڏِس تون!
لڳن ڪڏهن تہ لڳي مون جيان سنڌءِ ڪنهن سان!
جَهــان نــنـــڊ ڪـــري، آنءُ راتـــڙيـــون جاڳان!

خدا جو قهر بظاهر تہ قهر آهي پر
خدا جي رحم مان اميد ڪيئن ٿو لاهين؟
اگر بغور ڏسين ڪنهن عقاب جا شهپر
ڪَرن ٿا چانوَ مٿان توٽي چڙ تہ ڏورانهين
خدا جو هَٿّ سندءِ سِر مٿان رکيو آهي
خدا جي رحم مان اميد ڪيئن ٿو لاهين؟
خدا جو زهر پيلا تو ڪڏهن چکيو آهي؟
چکين تہ ڪوبہ پيو امرت نہ تون ڪڏهن چاهين!

وڄن ٽيون ڪارِ-ٻتيون ائن اداس رستي تي
اڪين ڪان دور وئي آهہ جٿ تہ منزل ٿِي!
پوي ٿو مينهن، ٻَلر چؤطرف پيو چمڪي،
* پرين ٻہ پاس، وڏي واٽ آهہ پِنڊيءَ ڏي.
جُهڪي ٿو جيءُ ائين وِڄ جئن وراڪا ڏي
چپن کي چَپَّ تا ٻُولن، نہ ڳالهہ پڇ دل جي!
چوي ٿي ڪارِ هتي اوچتو ڪٿي رُڪجي!
وڄن ٽيون ڪارِ-ٻتيون ائن اداس رستي تي.

---

* پنڊي: راولپنڊي.

(نوٽ: ڪِن شاعرن اهڙيون قلبي وارداتون نظمايون آهن، جن جو پس منظر هو ئي ڄاڻن ٿا).

تنبور پٽ سان ڪڙو آهه چڻ وڄي ٿو پيو!
مگر پتائي نه آهي جهانِ فانيءَ ۾
خبر نه آهه ته ڪيڏانهن هو پڄي ٿو پيو
ڪکر جي ڪور چڏي هو اچا ڪڄي ٿو پيو.
اگرچه شعر سندس روح کي رڄي ٿو پيو
جهان سان ڇا محبت آ آنجهانيءَ ۾!
اڃي ٿي سار سندس هانءُ چڻ هڄي ٿو پيو
تنبور پٽ سان ڪڙو آهه چڻ وڄي ٿو پيو!

زندگي ڪيتري پاڻوهه سان آهي ڪاٿي!
پندرهن ڏينهن ٿيا موت هٿي ويو آهي.

سنڌ ساريءَ جي مٿان جهڙ به ٿيا ائن جهاتي
شام ڪان اڳ ئي اُفق آهه گهٽا ڪاراتي.
ميڙ پيهار ستارن جو مچي ويو آهي
زندگي آهه ائين جئن هجي مڌ جي ماتي
زندگي ڪيتري پاڻوهه سان آهي ڪاٿي!

جهان جوڙ اَتي، آ انهيءَ تي ٿُوڪاريون!
تون آءُ، گوشه نشينيءَ جي زندگي ڪاتي!
پوي ٿو سيءُ، ٻه ٽي ڪانئريون ڪٽي ٻاريون!
ڪٽي تہ آءُ لَٿيءَ يا ليار جو تاريون.

وڃي نہ وقت، ڪنڊِي ڪونہ ٿا تڏهن ڏاريون،
تون آءُ، هَٽ اچي سيڪ! اي مِني ڪاڏي؟
رڳو مياٽيون سيئي من، سيئي ڪکيءَ ڪاريون
جهان جوڙ اَتي، آ انهيءَ تي ٿوڪاريون!

ڪير ڄاڻي تہ پري دور نگر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي تہ گھٽو وقت حياتي آهي.
ڪير ڄاڻي تہ ترائي اُهو تَر ڪهڙو آ؟
آ لڳاتار جهڙالي، رڳو جهاتي آهي.

دور جي چاڻ اڃا تائين نہ پاتي آهي
ڪير ڄاڻي تہ پري دُور هو گهر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي تہ پري دُور نگر ڪهڙو آ؟
ڪير ڄاڻي جو اها جاءِ اَڄاتي آهي؟

سڪر جي شام، ڪنارو سنڌوءَ جو، تون مان
پـــڪـــي اُڏار ۾ آهـــن، اڃا سُجهـــنـــدو آ
لـڳي ٿـو اِيـئـن فـلـڪ دور تـان پـرنـدن سـان
چِٽيـو آ ٻـار ڪـوئي نـقش چڻ تـہ پِٽ مٿـان
خبـر نـہ ا تـہ گـهـٽـو دور آهـہ چوڙُ هـتـان
وجي ٿـي سِيـر هـي پاڻـي ڪـٿـي نـہ بيـنـو آ.
ڪٿي ڪُٿي ٿي ندي؟ 'سمنڊ ۾' ٻڌان ٿو مان
سڪر جي شام، ڪنارو سنڌوءَ جو، تون مان.

اجا تہ آئي نہ آهين، لهي ٿو سُج پريان
چوان ٿو پنڌ پوان، دور دور وستي آ.
اگرچہ دل ٿي چوي توسان موڪلايان مان،
وداع ٿوئين چميءَ سان ڪري وڃان توسان.
جئين ٿو سج نديءَ سان ڪري، ائين وچڙان
اجا تہ دل ۾ رڳو مئڪدي جي مستي آ.
اجا تہ سات صراحيءَ جو آهہ ساغر سان
اجان تہ آئي نہ آهين، لهي ٿو سج پريان.

لهي ٿو شعر ائين مون تي آبشارن جئن
چوان ٿو تنهنجي عطا ڪيتري نہ آ مون تي!
ڪڏهن ٻہ ڪونہ لکان آنءُ خامڪارن جئن،
اچن ٿيون اُپ ۾ گهٽائون پرينءَ جي وارن جئن.
ڪوئي اُٿي ٿو لکي ايئن ڄڻ بهارن جئن
ٽڙن وٽن تي سوين گل، سڄي فضا مهڪي.
چمار هڪ ٿي ۾ لک، تون سوين چمارن جئن،
لهي ٿو شعر ائين مون تي آبشارن جئن.

خدا جي ساٿ وچڻ ڪيترو ڀَلو آهي!
هلون ٿا هڪ ٻه قدم وات چو تڪائي ٿي.
لڳي ٿو گول چڪر، جيئن ڪو ڇَلو آهي
ائين ته سڀ ڪي ڏنو رهزنن وَلو آهي.

خدا جو پيار اُهو اوچتو سَلو آهي
ائين وڌي ٿو جيئن وَلّ ڪا ورائي ٿي
خدا جي پيار ۾ هر وڪ مرحلو آهي
خدا جي ساٿ وچڻ ڪيترو ڀَلو آهي.

رند ڪنهن وقت خرابات ۾ نعرا پيا هڻن،
هيا بيدار مگر هاڻ سُتا پيا آهن.

جام کي جام سان ٽڪرائي مٿي جام ڪڻن
پوءِ گل مهر جي گل جيئڻ پيا هيٺ چٽن.

هاڻ آ ننڊ اچي وئي ڏهِي ڌرتيءَ تي ڏٺن،
آدميءَ کي تہ چڙيو دور ڪُتا پيا آهن.
لهر تي لهر اچي ننڊ جي، ڪيڏي نہ وڻن۱
رند ڪنهن وقت خرابات ۾ نعرا پيا هڻن.

رات جي رات خرابات ۾ گذري ويئي
جام تي جام جي فرمائش اچا جاري آ
هيل برسات خرابات ۾ گذري ويئي
يار سان بات خرابات ۾ گذري ويئي.

ائن ملاقات خرابات ۾ گذري ويئي
ڪيتري سِڄ چڙهي ڪيف اچا طاري آ!
ڪيتري ذات خرابات ۾ گذري ويئي
رات جي رات خرابات ۾ گذري ويئي.

ڏک يا سُکّ، جي اِک ٻوٽ تہ ڪجهہ ٻي ناهي
رات جي رات تہ آهي ائين گڏجي ويندي.
جي ستارا نہ بہ اُپريا تہ انهيءَ ۾ ڇاهي؟
جي تون فانوس نہ ٻاري سگهين اُلڪو ناهي!
انت اونداهيءَ ڏي هر چيز پئي ٿي ڪاهي
ڏيکُ مايا جو ڏئي، انتُ جا سپنو ٿيندي
اِک ڪُلي ٿي تہ لڳي ٿو تہ حياتي ڇاهي!
ڏک يا سُکّ، جي اِک ٻوٽ تہ ڪجهہ ٻي ناهي.

اجنبي گيت ائين روح کي ريجهائن چو ٿا؟
اجنبي گيت هوائن ۾ ائين گونجن ٿا
جڻ صدين سار، صدائن ۾ ائين گونجن ٿا
اجنبي گيت ائين روح کي هرڪائن چو ٿا؟

ڪئن ٽري پار ڪتان روز هتي پهچن ٿا
چو نہ وسريا هو مَنان روز هتي پهچن ٿا
پَٽَ-ڳِنڙن کي سڄي رات لسائن چو ٿا
اجنبي گيت ائين روح کي ريجهائن چو ٿا؟

خدا جي راهہ ۾ جيڪي مُئا ڪڏهن نہ مُئا
انهن جي جا بہ عقيدت، سلام آ اُن تي.
انهن جي جيئري ڪيڏا هُئا نہ لوڪَ لُئا
انهن جي موت کان پو چڻ تہ هو مدام هُئا.
انهن جي رَبّ سوا ڪنهن انهن جا سڌّ سُئا؟
انهن جي جا بہ بصارت، سلام آ اُن تي
چڱو اتي جي اُنهن لاءِ تون گهرين ڪا دعا
خدا جي راهہ ۾ جيڪي مُئا، ڪڏهن نہ مُئا.

ڪڏهن تون ٻار جي ڪنهن خواب ۾ ويو آهين
بهشت پيت ۾ ان جي تہ ڪجھہ بہ ڪونہ آهي
ڪڏهن تون خواب جي گرداب ۾ ويو آهين
ڪڏهن تون ننڊ جي سيلاب ۾ ويو آهين.
ڪڏهن تون بحر جي اُن آب ۾ ويو آهين
ڪتين ۽ چنڊ ڪان جو دور تو پيو ڪاهي
ڪڏهن تون خواب جي اسباب ۾ ويو آهين؟
ڪڏهن تون ٻار جي ڪنهن خواب ۾ ويو آهين.

سلام اهلِ قبور، آنءُ نيڻ آيو هان،
پتو نہ آهہ تہ ٻيهار اڪ ڪلٽي آ.
ائين لڳي ٿو اوهان وٽ اجا پرايو هان!
ڏسو ٿا ايئن پراسرار ڪوئي سايو هان.

هزار خواب ڇڏي آنءُ هت اجايو هان،
اجان تہ مونکي سڄي ڪائنات رلٽي آ.
اجا تہ آنءُ انهيءَ ۾ ڪٿي سمايو هان!
سلام اهلِ قبور، آنءُ نيڻ آيو هان.

سوين گلاب ڇڏي راهہ ۾ رباب ڇڏي
صدين جا گيت پرانهان سمائي آيو هان
نديءَ نديءَ ۾ ڪِئي عڪس ماهتاب ڇڏي
پرهہ جا ورق ورائي، سوين ڪتاب ڇڏي.

زمين تي اِئين پنهنجا اڌورا خواب ڇڏي
خبر نہ آهہ هتي ڇو الائي آيو هان.
سوال ڪوبہ نہ ساندي، سوين جواب ڇڏي
سوين گلاب ڇڏي، راهہ ۾ رباب ڇڏي.

خدا جي راز کــي ڇا لاءِ تــو سَلــڻ چاهــين؟
خدا جو راز شــگــفــتــہ نــہ ٿــي تــہ بــهــتــر آ
خدا جي مُنجهــہ ۾ ڇا لاءِ تــو پــوڻ چاهــين؟
خبــر نـــہ آهـــہ تـــہ ڇا لاءِ تــو ٽُٽــڻ چاهــين؟

خدا جي راهہ ۾ ڪــيڏانهن تو رُلــڻ چاهين؟
ڪــٿــي بہ راهہ نہ تُنهنجي ڪُٺي تہ بنـر آ.
خبــر نـــہ آهـــہ تـــہ ڇو تــو ڇجي پــوڻ چاهــين؟
خدا جي راز کــي ڇا لاءِ تــو ســلــڻ چاهــين؟

خدا جو پنڌ پري آ، قدم ڪٽين تہ چڱو،
نہ ڏونگرن کي ڏسي هانءُ هار تون پنهنجو!
جي راهہ ۾ ڪٽي رهبر اڳي هلين تہ چڱو،
لهي جان سجَ وجي پار تون پڄين تہ چڱو.

انڌيري رات ۾ فانوس کو کٽين تہ چڱو،
نہ پٿَرن کي ڏسي هانوَ هارِ تون پنهنجو!
رڪاوٽون تہ اٿي راهہ کي ڏسين تہ چڱو،
خدا جو پنڌ پري آهہ توَن قدم کٽين تہ چڱو.

پريان ستارا جئين ڏيئڙا پيا ٽمڪن
خدا هوءَ چنڊ جو فانوس آ جهلي بيٺو
سوا ۽ ٽڪيٽن پري روشنيون پيا ٽا ڪن!
پر تتي تي نه ٻن ڇير جان پيا ڇمڪن
جڏهن ته ماڪ جهڙين تارڙن جهڙن جرڪن
خدا ڪڏهن ڪان نه سڄي پيو ٻلي ٻسندو
جنين نه پير سندا لوءِ تي ڪڏهن ترڪن
پريان ستارا جئين ڏيئڙا پيا ٽمڪن.

خدا جي راهبري ڪيتري نہ بهتر آ

گناهگار، اُتي آءٌ پوئتان هُن جي

نظر ڪرين تہ خدا لاٽ جيئن گهرِ گهر آ

عشا جي وقت اذان عرش تي منور آ

انهيءَ جو نور سماوات ۾ سراسر آ

سياه ڪار اُتي آءٌ پوئتان هُن جي

نہ پنڌ آهہ گهٽو، ٿورڙو پريان گهر آ

خدا جي راهبري ڪيتري نہ بهتر آ.

ڏسين ٿو خواب هوائن ۾ ڪئن پيا ٽڙڪن!
خدا جو پنڌ ٻري نانهه هو اچي ويو آهه
ڏسين ٿو تارا پيا ڪيتري نه جهرمر ڪن!
وهي پيو ڪوٺي درياهه، سڀ پيا گهرڪن!
نه ڪا به آهه ڪنڌي جئن رديف شاعر ڪن
وٺي آ رات، نئون سجُ اُڀري آيو آهه
ڏسين ٿو ترورا تا اُن جا ڪيئن ترمر ڪن!
ڏسين ٿو خواب هوائن ۾ ڪئن پيا ٽڙڪن!

بگهڙ ۽ ڪيترا هاتار تا ڦرن چوڌار،
اڃي تو دل ۾، سمهان اِيئن جو اُٿان نہ وري!
خبر نہ آهہ ائين ڇو پئي ڪَتن سان ڪار!
اداس پينگ مان ڪيڏي اچي پئي پؤنڪار!

آ مال و زر جو هَوس ايترو هتي بيڪار
ڇوان ٿو جيئري ڪِنهن ساڻ مان ملان نہ وري
پُلي بُڌان نہ وري آدميءَ جي پٽڪار
بگهڙ ۽ ڪيترا هاتار تا ڦرن چوڌار

ڪڏهن ته آءُ سمهون آسمان جي هيٺان!
کُلي هوا ۾ ستارن جي ڇانوَ پياري آ.
گهٽيل هوا ٿي لڳي ڪيتري نه پنکن مان،
ڪڏهن ته اوريون ڪشادي، فضا جي وسعت سان!

هي شهرُ تنگ، دليون تنگ ٿيون رهن تنهن ڪان
سرءُ ۾ ڪيڏي چنارن جي ڇانوَ پياري آ!
هتي ته هانوَ جي ٻوسات ۽ فقط دونهان!
ڪڏهن ته آءُ سمهون آسمان جي هيٺان!

خدا تو جهول ڀري ڏات سان سدا تُنهنجي
خدا فياض رهيو آهه ڪيترو تو سان!
اڳي نه تي جا انهيءَ بات سان سدا تُنهنجي
آ رسم ۽ راهه خرابات سان سدا تُنهنجي.
رهي آ گفتگو دن رات سان سدا تُنهنجي
ڪڏهن ڀا وڏ-ڦڙي جيئن ڪڏهن آرم جهم جان
ڀري تو ڏات ڪو برسات سان سدا تنهنجي
خدا تو جهول ڀري ڏات سان سدا تُنهنجي.

ڪجهه ڪڪر ڪور مٿان چنڊ-ڇهڪ آهه اڃان،
ٿورڙي رات رهي آهه سا گذري ويندي.
گڏ جو دور ڏهو جڻ ڪٿي لڪ آهه اڃا
ڪو بسنت آوري اچڻو آهه پڪ آهه اڃا.

ڪاٿي خوشبو ٿي ڏري ساهه سمڪ آهه اڃا!
موت جي گهات رهي آهه سا گذري ويندي
ڏوڻ پيو چڻ ٿي ڪري ٿورڙي جهڪ آهه اڃا
ڪجهه ڪڪر ڪور مٿان چنڊ-ڇهڪ اڃا.

موت جي رات هوائون پيون هيرون آٿن
زندگي پوءِ به روڪي ٿي وڃڻ کان مونکي
ڪيترو دور خبر ناهي گهٽاتون ساٿن
جيءَ مرڪيٿي نه ناتون بيو سامائن.
حادثا سار جي چاڻيءَ مر پيون ٿيون چاڻن
عاشقي پوءِ به رڪي ٿي وڃڻ کان مونکي
ڪير اوجهاڻ اُديڙي پيا ٻيهر واٽن؟
موت جي رات هوائون پيون هيرون آٿن.

ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
جئن ميٺي سمنڊ منجهان پاڻ اچي ساحل تي.
ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
پاڻ ئي انڌ ستون ڪير پيو ٿو آڇي؟

ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي
جيئن رابيل مان خوشبو اچي، اڌ رات ٿئي.
ننڊ ۾ ايئن ترائيل اچي ٿي مون ڏي،
مان نہ ڄاڻان تہ انڌيري ۾ پيو ڪير لڪي؟

بَس رهي هاڻ بہَ ٽي پهر حياتي آهي
ڪا خبر نانهہ تہ پيهار اُتان ننڊ منجهان.
ٽو چوي چنڊ تہ هيڏانهن هلي آءُ اِتان
آنءُ شيشي اڳيان مجبور نہ آهيان تو جان.

آءُ آڪاس گهمون، آنءُ اڪيلو ٿو ڦران
آ تري آءُ، رڳو لهر حيـاتي آهي
تون ٿو جنهن لاءِ تڪين هاڻ وَئي آهہ هتان!
بس رهي هاڻ بہ ٽي پهر حياتي آهي.

شيخ اياز

شيخ اياز جي موجود ڪتابن جي لسٽ

ڪتي تہ پيچبو ٽڪ مسافر
هرڻ اکي ڪيڏانهن
جَرَ - ڏيئا جهمڪن
سورج مکيءَ سانجهہ
سَر لوهيڙا ڳچيا
ننڊ وليون
ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن- ڀاڱو I
ڪتين ڪر موڙيا جڏهن- ڀاڱو II
الوداعي گيت
ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون

خط- انٽرويو ۽ تقريرون- ڀاڱو II
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن
پتڻ تو پور ڪري
اُڀر چنڊ پس پرين
وِڄون وسڻ آئيون
پونر پري آڪاس
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
لڙيو سج لڪن ۾
ڪي جو ٻيجل ٻوليو
ساهيوال جيل جي ڊائري
رڻ تي رِم جهِم

نيو فيلڊس جا تازه شايع ٿيل ڪتاب

سهسين ٿيا سارنگ (سفرنامو)	عنايت بلوچ
ڪراچي ڪان ڪوپن هيگن (سفرنامو)	الطاف شيخ
جت برف پئي ٿي جام (سفرنامو)	الطاف شيخ
ملير ڪان مالمو (سفرنامو)	الطاف شيخ
اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ
قيدي (ناول)	فخرالزمان
اوڙاهہ (ناول)	غلام نبي مغل
آواره (ناول)	موهن ڪلپنا
مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص (ڪهاڻيون)	ڊاڪٽر صالح
ڪيئي ڪتاب (آتم ڪٿا)	ڪريم بخش خان نظاماڻي
منهنجي سڀ ڪان پياري ڏيءَ	ذوالفقار علي ڀٽو
پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول)	سراج
منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا
عورت ۽ پيار .. نئون شهر (ٻہ ڪتاب گڏ)	غلام نبي مغل
اوچا ڳاٽ پهاڙن جا	نجم عباسي
قومي غدار ۽ حساب ڪتاب	لياقت عزيز

چنڊ ڳليون (شاعري)

نيوفيلڊس (194)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪانءُ، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاههيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسُل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)